Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد: 11 | اڱارو پهرين آگسٽ 2023ع بمطابق 13 محرم الحرام 1445ھ | شمارو: 282 | قيمت 10 رپيا

پاڪ چين دوستي ۾ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ برداشت نه ڪنداسين: وزيراعظم

پاڪ چين اقتصادي راهداري (سي پيڪ) جا 10 سال مڪمل ٿيڻ تي مان چين جي نائب وزيراعظم پاڪستان پهچڻ تي ٿورائتو آهيان : شهباز شريف

10 سال اڳ سي پيڪ منصوبن تي ڪم جي شروعات ٿي هئي، سي پيڪ جي تحت 25 ارب ڊالرن جي سرمائيڪاري ڪئي وئي

پاڪستان ۽ چين اهڙي معاهدي تي 10 سال اڳ صحيحون ڪيون هيون، ان جي مس سڪڻ کان اڳ ئي ان تي عمل جي شروعات ٿي وئي هئي

اسان سي پيڪ جو ٻيون مرحلو نئين ماڊل جي تحت اڳيان وڌائينداسين، اهو واپار ۽ واپار، سرمائيڪاري، زراعت ۽ آءِ ٽي تي ڌيان هوندو

دنيا ۾ اهو پيغام ويندو ته چين ۽ پاڪستان هڪ اهڙي تعلق سان جڙيل آهن جيڪو دنيا کان منفرد آهي : ياداشتن تي صحيح واري تقريب کي خطاب

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۽ چين وچ ۾ مفاهمت جي مختلف يادداشتن صحيحون ڪيون ويون. چين جي صدر شي جن پنگ جي خاص نمائندي ۽ نائب وزيراعظم هي لي فينگ سي پيڪ جي ڏهه سال مڪمل ٿيڻ واري تقريب ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان ۾ موجود آهي ۽ اڄ هن وزيراعظم شهباز ريف سان پي ايم هائوس ۾ ملاقات پڻ ڪئي. چين جي نائب وزيراعظم هي ليفينگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ياداشتن تي صحيح واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسٽيٽ بينڪ وياج جي شرح 22 سيڪڙو برقرار رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

اسٽيٽ بينڪ جي گورنر جميل احمد وياج جي شرح 22 سيڪڙو برقرار رکڻ جو اعلان ڪيو

ايندڙ 2 مهينن جي لاءِ وياج جي شرح کي 22 سيڪڙو تي برقرار رکيو ويو آهي : گورنر اسٽيٽ بئنڪ

مانيٽري پاليسي ڪميٽي موجب ايندڙ مهينن ۾ مهانگائي ۾ لاٿ جو امڪان آهي

ايندڙ 2 مهينا مهانگائي جي شرح 20 کان 22 سيڪڙو رهڻ جي اميد آهي

امپورٽ تي لڳايل پابنديون هٽايون ويون آهن، جولاءِ ۾ ناڻي جا متاستا وارا ذخيرا 4.2 ارب ڊالر وڌيا آهن

ڊسمبر ۾ اسان جي ناڻي جي ذخيرن ۾ بهتري ايندي. ايندڙ مالي سال جون ڪجهه ادائيگيون رول اوور ٿي وينديون

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بينڪ جي گورنر جميل احمد وياج جي شرح 22 سيڪڙو برقرار رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. اسٽيٽ بينڪ جي گورنر ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ايندڙ 2 مهينن جي لاءِ مانيٽري پاليسي جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته ايندڙ 2 مهينن جي لاءِ وياج جي شرح کي 22 سيڪڙو تي برقرار رکيو ويو آهي. جميل احمد چيو ته مانيٽري پاليسي ڪميٽي موجب ايندڙ مهينن ۾ مهانگائي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سسٽم ۾ نئين بجلي شامل ڪئي جنهن سان لوڊشيڊنگ جي صورتحال بهتر رهي: توانائي وارو وزير

اڳوڻي حڪومت مجرماڻي غفلت ڪري هن منصوبي کي دير جو شڪار ڪيو : خرم دستگير

اسان ايران سان جيوڻي گوادر تائين 100 ميگاواٽ بجلي فراهمي جو معاهدو ڪيو

شنگهائي اليڪٽرڪ، ڪروٽ ۽ ڪراچي ۾ به بجلي پيداوار جي منصوبن جي شروعات ٿي

اسلام آباد (م ڊ) توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير چيو آهي ته حڪومت سسٽم ۾ نئين بجلي شامل ڪئي جنهن سان لوڊشيڊنگ جي صورتحال بهتر رهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي خرم دستگير چيو اڳوڻي حڪومت / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

توشه خاني ڪيس: پي ٽي آءِ چيئرمين جو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ سان رابطو

ٽي آءِ چيئرمين هڪ ڀيرو وري سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪندي ٽرائل روڪرائڻ جي درخواست داخل ڪري ڇڏي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، ٽرائل ڪورٽ کي ڪارروائي کان ناهي روڪيو : پي ٽي آءِ چيئرمين

ٽرائل مڪمل ٿيڻ کانپوءِ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواستون غير اثرائتيون ٿي وينديون

اسلام آباد (م ڊ) توشه خاني ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف پي ٽي آءِ چيئرمين هڪ ڀيرو وري سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪندي ٽرائل روڪرائڻ جي درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. جڏهن فوري ٻڌڻي لاءِ پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان متفرق درخواست به ڏني وئي آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان داخل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پوليس کي گهربل پي ٽي آءِ اڳواڻ شوڪت يوسفزئي جده پهچي ويو

شوڪت يوسفزئي جده پهچڻ کانپوءِ فيس بڪ تي فوٽو شيئر ڪيو

رب پاڪ ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي استحڪام ۽ امن قائم ڪري : ٽوئيٽ

پشاور (م ڊ) پوليس کي گهربل اڳوڻو صوبائي وزير ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شوڪت يوسفزئي عمري جي ادائيگي لاءِ جده پهچي ويو آهي. اڳوڻي صوبائي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ميرپورخاص جي عدالت قتل جي ٻن ڌار ڌار ڪيسن ۾ 5 جوابدارن کي ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص جي عدالت قتل جي ٻن ڌار ڌار ڪيسن ۾ 5 جوابدارن کي ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائي ڇڏيسماڊل ٽرائل ڪورٽ ڏگهڙي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڀيڻن سميت روپوش اڳواڻن کي اشتهاري قرار ڏيارڻ لاءِ ڪارروائي شروع

دهشتگردي جي انت واري عدالت مان اشتهاري قرار ڏيڻ جي لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي ويندي : پوليس اختيارين

شروعاتي طور تي عظميٰ خان، عليمه خان، ميان اسلم اقبال کي اشتهاري قرار ڏياريو ويندو

لاهور (م ڊ) پنجاب پوليس تحريڪ انصاف چيئرمين جي ڀيڻن سميت روپوش پي ٽي آءِ اڳواڻن کي اشتهاري قرار ڏيارڻ جي لاءِ ڪارروائي جي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

چوماسي جي وسڪارڻ ٽل شهر کي ٻوڙي ڇڏيو

ڪپڙا مارڪيٽ، مجارڪي، سوناره بازار، امروٽي چوڪ ۽ ٻيا علائقا برساتي پاڻيءَ ۾ ٻڏل

پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب اسان جو ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي: دڪاندار

ٽل (رپورٽر) چوماسي جي وسڪارڻ ٽل شهر کي ٻوڙي ڇڏيو شهر جي مين بازار، ڪپڙا مارڪيٽ، مجارڪي، سوناره بازار، امروٽي چوڪ ۽ ٻيا علائقا / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڏهرڪي: پوليس اهلڪار جي پٽن جو پورهيت نوجوان تي مبينا تشدد

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي ۾ پوليس اهلڪار جي پٽن جو پورهيت نوجوان تي مبينا تشدد. ڏهرڪي ٿاڻي جي پوليس اهلڪار جي پٽن طرفان / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پاڪستان ۽ چين جي دوستي هماليه کان بلند ۽ سمنڊ کان گهري آهي: چين جو نائب وزيراعظم

خطي ۾ سماجي ترقي جو دور سي پيڪ سان شروع ٿيو، سي پيڪ چين ۽ چين جي وچ ۾ دوستي جي نئين دور جي شروعات آهي

پاڪستان ۽ چين جي دوستي هماليه کان بلند ۽ سمنڊ کان گهڻي آهي، پاڪستان ۽ چين جا تاريخي دوستاڻا لاڳاپا آهن

ايم ايل ون جي فريم ورڪ ۽ قراقرم هاءِ وي جي ريئل لائننگ سميت چين سان اهم معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چين جي نائب وزيراعظم هي لي فنگ جو چوڻ آهي ته پاڪ چين اقتصادي راهداري (سي پيڪ) ٻنهي ملڪن وچ ۾ اهم منصوبو آهي، سي پيڪ تحت اربن ريلوي، فائبر آپٽڪ سميت مختلف منصوبا لاڳو ڪيا / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نگران وزيراعظم جي مقرر آئين ۾ طئي ٿيل طريقيڪار موجب ٿيندي: مريم اورنگزيب

وزيراعظم اجا تائين نگران وزيراعظم لاءِ ڪنهن اميدوار کي سليڪٽ يا رد ناهي ڪيو

وزيراعظم موزون ترين اميدوار لاءِ سمورين اتحادي جماعتن سان مشاورت ڪندو

ن ليگ جي قائد کان رهنمائي به حاصل ڪندو : سڌ سماءُ واري وفاقي وزير

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سڌ سماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته وزيراعظم اجا تائين نگران وزيراعظم لاءِ ڪنهن اميدوار کي سليڪٽ يا رد ناهي ڪيو. پنهنجي بيان ۾ مريم اورنگزيب چيو ته نگران وزيراعظم جي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ واسين جي سخت دٻاءَ کانپوءِ معدنياتي وسيلن واري نيلامي به رد

سنڌ جي مختلف علائقن مان معدنيات جي مائيننگ ۽ نيلامي لاءِ پهرين آگسٽ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي هئي : نوٽيفڪيشن جو متن

بعد ۾ نيلامي ملتوي ڪندي 4 آگسٽ جي نئين تاريخ مقرر ڪئي وئي هئي، نوٽيفڪيشن موجب 4 آگسٽ تي رٿيل نيلامي به رد ڪئي وئي آهي

اشتهارن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان ليڪ سالٽ، چائنا ڪلي، ماربل، گريول، ريتي بجري ۽ ٻين معدنيات جي مائيننگ ۽ نيلامي جو اعلان ڪيو ويو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ واسين جي سخت دٻاءُ کانپوءِ صوبائي معدنيات کاتي 4 آگسٽ تي رٿيل معدنياتي وسيلن واري نيلامي به رد ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ جي مختلف علائقن مان معدنيات / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪارونجهر جبل جي نيلامي خلاف عوامي تحريڪ جي سڏ تي ننگر پارڪر مان ريلي ڪڍي وئي

مٺي (رپورٽر) ڪارونجهر جبل جي نيلامي خلاف عوامي تحريڪ جي سڏ تي ننگر پارڪر مان ريلي ڪڍي وئي ويرهولو ڪرلهي يادگار تان مسڪين جهان خان کوسو چوڪ تائين ريلي ڪڍڻ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪشمور مان بازياب ڪرايل ٻالڪ عظيم ميٽڪ وارثن حوالي

ڪشمور پوليس ۽ سي آءِ اي جي اسپيشل ٽيم ڪارروائي ڪري ٻالڪ کي بازياب ڪرايو

سنڌ پنجاب دنگ تي آپريشن ڪري ٻار کي بازياب ڪرايو ويو : ڪشمور پوليس

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور مان به مهينا اڳ اغوا بعد گذريل ڏينهن بازياب ڪرايل ڇهن سالن جي ٻارڙي عظيم ميٽڪ کي وارثن حوالي ڪيو ويو گذريل ڏينهن ڪشمور پوليس ۽ سي آءِ اي جي اسپيشل ٽيم عظيم ميٽڪ کي سنڌ بلوچستان / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نگران يا سياسي حڪومت ۾ ڪنهن به عهدي جي دلچسپي ناهي: شبر زيدي

ميڊيا تي چئي چڪو آهيان ته مون کي نگران يا سياسي حڪومت ۾ ڪو به عهدو نه گهرجي

مان پنهنجي ايندڙ زندگي پيشيوارانه ڪم ۽ ڪتاب لکڻ ۾ گذارڻ چاهيان ٿو

ايس آءِ يو ٽي لاءِ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو، پنهنجي ايندڙ زندگي اسلام ۾ ضائع نٿو ڪرڻ چاهيان

ڪراچي (رپورٽر) ايف بي آر جي اڳوڻي چيئرمين شبر زيدي چيو آهي ته کيس ڪنهن به سياسي عهدي ۾ ڪائي دلچسپي ناهي. سماجي رابطن جي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڀارت کان پاڪستان اچي شادي ۽ اسلام قبول ڪندڙ انجو تي تحفن جي برسات

پاڪستان جي هڪ مشهور واپاري طرفان انجو کي ڪيپڙن سان گڏ هڪ فليٽ جا ڪاغذ به ڏنا ويا

هڪ ٻئي پراپرٽي ڊيلر طرفان به انجو کي 40 مرلا جو هڪ پلاٽ ۽ 50 هزار سلامي به ڏني وئي

پشاور (م ڊ) ڀارت کان پاڪستان اچي اسلام قبول ڪري پنهنجو نالو انجو کان فاطمه رکڻ کانپوءِ پنهنجي فيس بڪ فرينڊ سان شادي ڪندڙ عورت تي تحفن جي برسات شروع ٿي وئي آهي. 35 ورهين جي انجو جڏهن پاڪستان اچڻ جي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ايف بي آر ۾ پنج ارب رپين جي مالي گهوٽالي جو انڪشاف

درآمدي شين تي مڪمل ٽئڪس نه اوڳاڙڻ سبب ٽي ارب 52 ڪروڙ جو نقصان ٿيو : رپورٽ

ويئر هائوسز ۾ هڪ ارب پنجيتاليهه ڪروڙ گهوٽالي ۽ چوري جو انڪشاف ٿيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ڪسٽمز) ۾ پنج ارب رپين جي مالي گهوٽالي جو انڪشاف ٿيو آهي، رپورٽ موجب، درآمدي شين تي مڪمل ٽئڪس نه اوڳاڙڻ سبب ٽي ارب 52 ڪروڙ جو نقصان ٿيو جڏهن ته ويئر هائوسز ۾ هڪ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پي ٽي آءِ پرويز خٽڪ کان پوءِ سندس پٽ کي به پارٽي مان نيڪالي ڏئي ڇڏي

عمر ايوب جي صحيح سان باقاعده نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو

پي ٽي آءِ ٻنهي اڳواڻن جي ميمبرن کي پارٽي ڇڏڻ ۽ پڙڪائڻ تي رڪنيت ختم ڪئي : نوٽيفڪيشن جو متن

پشاور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف اڳوڻي دفاع واري وزير پرويز خٽڪ کان پوءِ سندس پٽ اسحاق خٽڪ ۽ ايم اين اي عمران خٽڪ کي به پارٽي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نگران وزيراعظم جي نالي تي مشاورت لاءِ اپوزيشن پارٽين جو اجلاس طلب

جماعت اسلامي ۽ جي ڊي اي جي ميمبرن کي به دعوت ڏني وئي

ڪوشش هوندي ته تجويز ڪيل نالن ۾ ماهر معيشت، سياستدان ۽ ٽيڪنو ڪريٽ شامل هجن : اپوزيشن اڳواڻ

اسلام آباد (م د) قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ راجا رياض نگران وزيراعظم جي نالي تي مشاورت جي لاءِ اربع تي اپوزيشن پارٽين جو اجلاس / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ سرڪار ڪراچي ۾ اليڪٽرڪ بس جي نئين روٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو

بس جو نئون روٽ 18 ڪلوميٽر ڊگهو هوندو : شرجيل ميمڻ

بس اسٽيڊيم روڊ ۽ ايم اي جناح روڊ کان ٿيندي نمائش چورنگي تائين پهچندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ڪراچي ۾ اليڪٽرڪ بس جي نئين روٽ جو اعلان ڪري ڇڏيوسماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته بس جو نئون روٽ 18 ڪلوميٽر ڊگهو هوندو. هن چيو ته بس جو نئون روٽ ميلر ڪينٽ چيڪ پوسٽ 5 کان شروع ٿيندو ۽ بس صفورا چورنگي، موسميات، / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي ٽي آءِ چيئرمين جي سائفر انڪوائري خلاف درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين جي سائفر انڪوائري خلاف درخواست ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪئي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

يقين آهي ملڪي معيشت تمام جلد بهتر ٿي ويندي: اسحاق ڊار

نواز شريف چيني قيادت سان ملي سي پيڪ منصوبو شروع ڪيو هو

بينڪ آف چائنا ۽ پاڪستان وچ ۾ هلندڙ تعاون ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو

مون کي يقين آهي ته پاڪستان جي معيشت تمام جلد بهتر ٿي ويندي

اسلام آباد (م د) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان جا معاشي اشارا بهتري طرف گامزن آهن. يقين آهي ته پاڪستان جي معيشت تمام جلد بهتر ٿي ويندي. اسلام آباد ۾ بينڪ آف چائنا سلام آباد برانچ جي افتتاحي تقريب / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار بينڪ آف برانچ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪجهه ڏينهن رهجي ويا آهن، نوجوان مايوس نه ٿين، ملڪ جو مستقبل روشن آهي: مصدق ملڪ

پاڪستان ۾ معدنيات مٽي جي قيمت 6.1 ٽريلين ڊالر آهي، ملڪ تمام گهڻي معدنيات سان مالا مال آهي

بلوچستان ۾ ننڍيون فيڪٽريون لڳائينداسين جتي به مائننگ هوندي ان کي گوادر پورٽ سان جوڙينداسين

جيڪڏهن 100 ٽن مٽيءَ مان 1 ٽن ميٽل وڪرو ڪنداسين ته 5 هزار ڊالر ڪمائينداسين، اهڙي معدنياتي انقلاب جي لاءِ اسان جا 3 گول آهن

اسلام آباد: پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته ڪجهه رهجي ويا آهن. نوجوان مايوس نه ٿين. ملڪ جو مستقبل / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

بخشاپور: ڌاڙيلن بخشاپور مان ڏيڍ مهينو اڳ اغوا ڪيل مکي جگديش ڪمار جي وڊيو جاري ڪري ڇڏي

بخشاپور (رپورٽر) ڌاڙيلن بخشاپور مان ڏيڍ مهينو اڳ اغوا ڪيل مکي جگديش ڪمار جي وڊيو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

نسلا ٽاور ڪيس: عبوري ضمانت رد ٿيڻ تي اڳوڻو ڊي جي ايس بي سي اي منظور قادر گرفتار

اڳوڻي ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي منظور قادر ڪاڪا ۽ اڳوڻي مختيارڪار کي گرفتار ڪيو ويو

اينٽي ڪرپشن ڪورٽ نسلا ٽاور ايراضي ڪيس ۾ ٻنهي جوابدارن جي عبوري ضمانت رد ٿيڻ کانپوءِ کين گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ٻنهي جوابدارن تي نسلا ٽاور جي زمين 700 گز مان وڌائي 11000 گز ڪرڻ جو الزام آهي : سرڪاري وڪيل

ڪراچي (رپورٽر) شاهراهه فيصل تي واقع نسلا ٽاور زمين جي غيرقانوني الاٽمينٽ جي ڪيس ۾ عبوري ضمانت رد ٿيڻ تي اڳوڻو ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي منظور قادر ڪاڪا ۽ اڳوڻي مختيارڪار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. اڳوڻي ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي منظور قادر ۽ اڳوڻي مختيارڪار خير محمد ڏاهري جي عبوري ضمانت ۾ واڌ جي درخواست تي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مٺي: ڪارونجهر جبل جي نيلامي خلاف عوامي تحريڪ پاران نڪتل ريلي جو ڏيک

پارس شاهه قتل ڪيس: پارس شاهه جي بيوهه، سهري ۽ ٻين جون ضمانت واريون درخواستون رد

عدالت 25 جولاءِ تي ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد ضمانت جي درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪيو هو

پارس شاهه جي بيوهه فرزانا ۽ سهري غلام نبي شاهه پهرين سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ بعد ۾ ماڊل ڪورٽ مان عبوري ضمانت حاصل ڪئي هئي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي ماڊل ڪرمنل ڪورٽ پارس شاهه قتل ڪيس ۾ پارس شاهه جي بيوهه، سهري ۽ ٻين جون ضمانت واريون درخواستون رد ڪري ڇڏيون عدالت 25 جولاءِ تي ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد ضمانت جي درخواستن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

باجوڙ ڌماڪي جا وڌيڪ 3 زخمي فوت ٿيڻ بعد مارجي ويلن جو انگ وڌي 46 ٿي ويو

ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل 90 کان وڌيڪ ماڻهن جو مختلف اسپتالن ۾ علاج جاري

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڌماڪي جا وڌيڪ 3 زخمي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

مڙهه سڃاڻپ بعد وارثن حوالي ڪيا ويا، 8 لاش سڃاڻپ جوڳا نه هئڻ سبب اسپتال ۾ رکيا ويا

پشاور (م د) باجوڙ ڌماڪي جا وڌيڪ 3 زخمي فوت ٿيڻ بعد مارجي ويلن جو انگ وڌي 46 ٿي ويو. ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل 90 کان وڌيڪ ماڻهن جو مختلف اسپتالن ۾ علاج جاري آهي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڌماڪي جا وڌيڪ 3 زخمي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: قومپرست ڌرين پاران ڪارونجهر جي نيلامي ۽ ڪٽائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

جج جي گهر واري جو نوڪرياڻي تي تشدد: وزيراعظم نوٽيس وٺي ڇڏيو، ڊاڪٽرن طرفان 48 ڪلاڪ اهم قرار

اسلام آباد (م د) اسلام آباد ۾ سول جج جي گهر واري هٿان تشدد جو شڪار گهريلو نوڪرياڻي رضوانه 6 ڏينهن کان لاهور جي جنرل اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي، جنهن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي، ڊاڪٽرن ٻارڙي جي لاءِ 48 ڪلاڪ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ميان محمد سومري جو نالو نگران وزيراعظم لاءِ غور هيٺ

نگران وزيراعظم لاءِ 5 نالن جي شارٽ لسٽ ٿيڻ جون ڳالهيون هلي رهيون آهن : صحافي

ميان سومرو اڳ به سينيٽ چيئرمين ۽ نگران وزيراعظم جي عهدن تي رهي چڪو آهي

ميان محمد سومرو (فائيل فوٽو)

لاهور (م د) اتحادي حڪومت جو مدو جيئن جيئن ختم ٿيڻ طرف وڌي رهيو آهي ته نگران حڪومت ۽ نگران وزيراعظم جي نالن بابت اڳ ڪٿيون ٿي رهيون آهن. صحافي امداد سومري جو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پاڪستان جي ڪرڪيٽرن کي سينٽرل ڪانٽريڪٽ هلندڙ هفتي ملڻ جو امڪان

ڪرڪيٽ ڪاميٽي جي چيئرمين مصباح الحق کي ايندڙ هفتي سينٽرل ڪانٽريڪٽ تي بريفنگ ڏني ويندي

مصباح الحق چيئرمين پي سي بي مئنيجمينٽ ڪاميٽي ذڪا اشرف کي سينٽرل ڪانٽريڪٽ بابت بريفنگ ڏيندو

لاهور (م د) قومي ڪرڪيٽرن کي هلندڙ هفتي سينٽرل ڪانٽريڪٽ ملڻ جو امڪان آهي. قومي ڪرڪيٽرن جي سينٽرل ڪانٽريڪٽ لاءِ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي لاڳاپيل کاتن جي ڪم کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ ڪم / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اڳوڻو ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي منظور قادر ۽ اڳوڻو مختيارڪار خير محمد ڏاهري (فائيل فوٽو)

ڪارونجهر جي نيلامي ۽ ڪٽائي: سنڌ ايڪشن ڪاميٽي پاران به گڏيل احتجاج جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) ڪارونجهر جي نيلامي واري معاملي تي سنڌ ايڪشن ڪاميٽي به گڏيل طور احتجاج جو اعلان ڪري ڇڏيو. قومپرستن جي اعلائيل / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي کان حيدرآباد ويندڙ سپرهاءِ وي تي گاڏين هلائڻ مشڪل بڻجي ويو، اختياريون خاموش

ٻنهي پاسن کان خراب ٿي وڃڻ تُوڙي انهن ۾ وڏا کڏا پوڻ ڪري گاڏين جو هلڻ مشڪل بڻجي ويو آهي

رهواسين نياز ڪوسو، شيرزمان شورو، سومار ڪوسو، جمعون پناڻ ۽ ٻين پاران مٽي لهرائي ڪم ڪرايو ويو

حڪومت ٽيڪس جي مد ۾ ڪروڙين رپيه ڪمائي ٿي يا سنڌ حڪومت ڪي هي روڊ ٺهرائڻ گهرجن: رهواسي

ٺٽو(ٻ) ڪراچي کان حيدرآباد ويندڙ سپر هاءِ وي کي ٻنهي پاسن کان بند ڪرڻ بعد روڊ جي ٻنهي پاسن کان رهندڙ مقامي رهواسين لاءِ سنڌ حڪومت توڙي سپر هاءِ وي انتظاميه طرفان سروس ڪچا روڊ ٺهرائي ڏنا آهن. جن تي وڏيون گاڏيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو: ڪراچي۔ حيدرآباد سپرهاءِ وي انتظامي نااهلي سبب زبون حال بڻيل آهي

سنڌ کي پنجاب جي طرف شرپسندن

جي آمدگاه ٿيڻ نه ڏينداسين: اسد

اقبال زيدي

خيرپور (رپورٽر)شيعا علماء ڪائونسل پاڪستان جي صوبائي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي ۽ علامه سيد محسن علي نقوي ,مولانا سيد ڪاشف حسين شاه ,مولانا سيد اصغر حسين حسيني ,مولانا عطا محمد باقري علي عظمت بلوچ,ايڊووڪيٽ سيد شهباز شاه ,در محمد ڪربلائي ,مولانا علي گل پنيرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر جي مختلف علائقن ۾ برساتي پاڻي جمع ٿيڻ سبب نيڪال نه ٿي سگهيو آهي: فرح بلوچ

برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري شهر جا مختلف علائقا گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويا آهن

پريس ڪلب روڊ شاليمار روڊ سميت ڪيترن ئي روڊن تي گٽرن جا ڍڪ غائب آهن،شهري پريشان آهن

سکر (رپورٽر)سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر ايڊووڪيٽ فرح بلوچ جو لوڪل بورڊ ، گاڏي کاتو سميت شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري برساتن بعد پيش آيل صورت حال جو جائزو ورتو . تفصيل موجب ، سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر ايڊووڪيٽ فرح بلوچ گزريل ڏينهن لوڪل بورڊ گاڏي کاتي ، سميت شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو ۽ برساتن بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙو ۾ ٽرڪ بريڪ فيل ٿيڻ سبب 3 ڄڻن مٿان چڙهي وئي، پورهيت چيپاڻجي فوت، 2 زخمي

پيلو روڊ تي مال بردار ٽرڪ بريڪ فيل ٿيڻ سبب چنگچي رڪشا ۾ ويٺلن مٿان چڙهي وئي

چنگچي رڪشا ۾ ويٺل ڳوٺ حاجي لونيو جو رهواسي پورهيت حنيف لونيو چيپاڻجي فوت ٿي ويو

واقعي بعد مچريل ماڻهن جو روڊ بند ڪري ٽرڪ کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش، پوليس پهچي ڪنٽرول ڪيو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ ٽرڪ بريڪ فيل ٿيڻ سبب 3 ڄڻن مٿان چڙهي وئي، هڪ پورهيت چيپاڻجي فوت، 2 ڄڻا زخمي، ماڻهن ۾ ڀاڄ سبب 8 ڄڻا زخمي، مچريل ماڻهن جو روڊ بند ڪري ٽرڪ کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش، پوليس پهچي ڪنٽرول ڪيو. خبر موجب دڙو، پيلو روڊ تي مال بردار ٽرڪ بريڪ فيل ٿيڻ سبب چنگچي رڪشا ۾ ويٺلن مٿان چڙهي وئي، جنهن جي نتيجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دڙو: بريڪ فيل ٿيڻ سبب ٽرڪ ڪاٽي ٿيل نظر اچي رهي آهي، ٻئي طرف فوتي ۽ زخمي اسپتال ۾ داخل آهن

امام حسين ع اسلام جي حرمت ۽

قانون جي حفاظت لاءِ جان قربان

ڪئي: محمد بچل شاهه

خيرپور (رپورٽر) "امام حسين عليه السلام اسلام جي حرمت ۽ قانون جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان ۽ پنهنجي بيگناهه معصوم ٻچڙن جون جانيون قربان ڪيون". اهڙن خيالن جو اظهار هن وڏي وزير جي مذهبي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار پير سيد محمد بچل شاهه پنهنجي رهائشگاهه خيرپور هائوس تي صحافين سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين منشيات ڪانپوءِ ڦرن ۽ چورين جو آماجگاهه بڻجي ويو، شاگرد کان موبائيل فون ڦر

بدين پوليس شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي: ساجاهه وند

نسيم سٽي سينٽر جي فليٽ جو دروازو ٽوڙي ليپ ٽاپ بيٽري چارجر اسٽيبلائيزر چوري ڪري ويا

پوليس آفيسر شهرين کي تحفظ نٿا ڏئي سگهن انهن کي بدين ۾ رهڻ جو به ڪو حق نه آهي: شهري اڳواڻ

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر منشيات ڪانپوءِ ڦرن ۽ چورين جو آماجگاهه بڻجي ويو آهي بدين پوليس شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي هڪ رات ۾ 2 چورين جون وارداتون سميت هڪ شاگرد کان موبائيل فون جي ڦرجي وارادات تفصيل موجب گذريل رات نامعلوم چورن ايس يو پي جي مرڪزي نائب صدر ۽ ضلع ڪائونسل بدين ۽ بدين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شڪارپور ۾ سي ايم او پاران هڪ ارب 92 ڪروڙ جي بجيٽ پيش، سادا 17 لک بچت ظاهر

وائيس چيئرمين وسيم الدين صديقي ۽ سي ايم او شڪارپور عابد لطيف راجپوت بجيٽ پيش ڪئي

پگهارن ۽ پينشن تي ايڪونجاهه ڪروڙ خرچ اينڊو شاپنگ سينٽر لاءِ پنج ڪروڙ روپيا مختص ڪيا ويا آهن

شاگردن لاءِ اسڪالرشپ ، عورتن جي فلاح ۽ اسپورٽس لاءِ پنجاهه لک ، ٽيهن واردن ۾ نالين جو ڪم ڪرايو ويندو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سي ايم او شڪارپور ۽ وائيس چيئرمين پاران پاران ميونسپل شڪارپور جي هڪ ارب ٻيانوي ڪروڙ جي بجيٽ پيش، بجيٽ سادا سترنهن لک بچت واري هوندي. تفصيل موجب: وائيس چيئرمين وسيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شڪارپور: سي ايم او شڪارپور پاران بجيٽ پيش ڪئي پئي وڃي

جي يو آءِ سٽي سکر پاران باجوڙ ۾

جي يو آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ بم

ڌماڪي جي مذمت

سکر (رپورٽر)جي يو آءِ سٽي سکر پاران باجوڙ ۾ جي يو آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ بم ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ٿي ، بم ڌماڪو هڪ سوچيل سمجهيل سازش آهي ، باجوڙ ۾ جي يو آءِ جي ساٿين جي شهادت تي دلي صدمو رسيو آهي ، واقعي جي شديد مذمت ڪجي ٿي ، جي يو آئي سٽي سکر جي امير مفتي سعود افضل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بي آئي يو ٽي جي ڪم جلد مڪمل ڪيو وڃي، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي: محمد عباس بلوچ

پرپاسي وارن ٻين ضلعن جي گڙدن جي مريضن کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن

هن اداري جو قيام شهيد بينظيرآباد ۽ آسپاس وارن علائقن جي مريضن لاءِ ڪنهن نعمت کان گهٽ نه آهي

علاج معالجي جون مفت سهولتون فراهم ڪيون وينديون جن ۾ جديد روبوٽڪ اوٽي ۽ ڊائيلاسز شامل آهن

نواب شاهه (رپورٽر)ڪمشنر شهيد بينظير آباد ڊويزن محمد عباس بلوچ اڄ بينظير انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (بي آئي يو ٽي) جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڪمشنر محمد عباس بلوچ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته بي آئي يو ٽي جي رهيل ڪم کي جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن هن اداري کي مڪمل فعال بڻائي ضلع/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڪرنڊ ۾ سيف الرحمان راول جي 7 ڌيئرن پاران ڀائرن ۽ ڀائٽين خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات صفيه، مسمات نسرين، مسمات ڪوثر، مسمات تنوير بيبي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان کي چار ڀائر آهن جن مان ٻه فوت ٿي ويا آهن، باقي ٻه ڀائر ملڪيت تي قبضو ڪري ويٺل آهن: ڀينرون

حصا پتيون ٿيل آهن پر اسان جا ڀائر ۽ ڀائٽيا اسان جي حصي تي به زبردستي قبضو ڪري ويهي رهيا آهن

سڪرنڊ (رپورٽر)مرحوم سيف الرحمن راول جي ستن ڌيئرن هر هڪ مسمات صفيه، مسمات نسرين، مسمات ڪوثر، مسمات تنوير بيبي، مسمات ياسمين، مسمات پروين ۽ مسمات فريده سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ پنهنجي ڀائرن ۽ ڀائٽين خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان کي چار ڀائر آهن جن مان ٻه فوت ٿي ويا آهن. باقي ٻه ڀائر انوار احمد. عبدالجبار ۽ ڀائٽيا محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سڪرنڊ: ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف ناريون ڀائرن خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز

فيڊريشن سنڌ پاران مرڪزي

عهديدارن جي ڳڏجاڻي

نوشهروفيروز (رپورٽر) آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن سنڌ پاران مرڪزي عهديدارن جي ڳڏجاڻي نوشهروفيروز لڳ ڳوٺ ڪاهي راهو ۾ لاڙڪ هائوس تي مرڪزي صدر ميان عبدالرحيم پاروجي صدارت هيٺ ٿي ڳڏري ڳڏجاڻي ۾ مرڪزي قيادت پاران اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ حڪومت جهڙيءَ ريت سياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪنڊيارو مختيارڪار آفيس مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو،شهري پريشان

نيڪال نه ٿيڻ ڪري برسات جو پاڻي تلاءَ جي صورت ۾ آفيس جي مک گيٽ تي بيٺل آهي

برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري آفيس جو ڪم ڪار سخت متاثر، اينڊز ماڻهو پڻ سخت پريشان

انتظاميا نوٽيس وٺي بيٺل برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي ته جيئن عوام پريشاني کان بچي سگهي: شهري

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو مختيارڪسر آفيس مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو آفيس اندر برساتي پاڻي تلاءَ جي صورت ۾ بيٺل، ڪاروهنوار سخت متاثر، ڪم ڪار لاءِ ايندڙ رهواسي سخت پريشان ڪنڊيارو شهر جي مختيارڪار آفيس مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري برسات جو پاڻي تلاءَ جي صورت ۾ آفيس جي مک گيٽ اندران بيٺل جڏهن ته برساتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

اڳوڻي صوبائي وزير پپو شاهه جو پٽ ايريا واٽر بورڊ بدين جو چيئرمين مقرر

سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينج اٿارٽي حيدرآباد جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ليٽر جاري ڪيو

ايم ڊي سڪندر شاهه کي ايريا واٽر بورڊ بدين جو چيئرمين مقرر ڪرڻ جو ليٽر جاري ڪري ڇڏيو

ٽنڊوباگو(رپورٽ:سهيل سمون) اڳوڻي صوبائي وزير سيد علي بخش عرف پپو شاهه ۽ سينيٽر بي بي ياسمين شاهه جو پٽ سڪندر علي شاهه ايريا واٽر بورڊ بدين جو چيئرمين مقرر، خبر موجب سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينج اٿارٽي حيدرآباد جي مينيجنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪنڌڪوٽ لڳ رسالدار مان 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل ٻنيگر بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

پوليس بلوچستان جي بارڊر تي اغوا ڪارن جي موجودگي بابت ڄاڻ ملڻ شرط ڪاروائي ڪئي

انٽيليجنس بيسڊ ڪاروائي ڪري معصوم محمد عظيم ميٽڪ کي با حفاظت بازياب ڪرايو ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ امداد ٻنگوار) ڪنڌڪوٽ لڳ رسالدار مان ٻه مهينا اڳ اغوا ٿيل 4 سالا محمد عظيم ميٽڪ بازياب. پوليس پاران سنڌ بلوچستان جي بارڊر تي اغوا ڪارن جي موجودگي بابت ڄاڻ ملڻ شرط ڪاروائي. ايس ايچ او /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪنڌڪوٽ: پوليس پاران ٻنيگر عظيم ميٽڪ جي بازيابي بعد گروپ فوٽو ڪيرايو پيو وڃي

سجاول جي شهرين سان هٿيار ٺهرائي ڏيڻ جي آڙ ۾ تاريخي فراڊ جو انڪشاف

هٿيارن جا لائسنس ٺهرائڻ بهاني لکين رپيا هڙپ، شهرين پاران احتجاجي مظاهرو

سيف الله ميمڻ، عمران ميمڻ، مهر علي، احسان ميمڻ، شعيب چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو: سجاول ضلعي جي شهرين سان هٿيار ٺهرائي ڏيڻ جي آڙ ۾ تاريخي فراڊ جو انڪشاف. فراڊين پاران هٿيارن جا لائسنس ٺهرائڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

جي يو آءِ سٽي سکر پاران باجوڙ ۾ جي يو آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ بم ڌماڪي جي مذمت

باجوڙ ۾ جي يو آءِ جي ساٿين جي شهادت تي دلي صدمو رسيو آهي: سعود افضل هاليجوي

باجوڙ ۾ بم ڌماڪو هڪ ڪليل دهشتگردي آهي ، جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي

سکر (بيورو رپورٽ) جي يو آءِ سٽي سکر پاران باجوڙ ۾ جي يو آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ بم ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي. بم ڌماڪو هڪ سوچيل سمجهيل سازش آهي. باجوڙ ۾ جي يو آءِ جي ساٿين جي شهادت تي دلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪنڌڪوٽ ۾ ايس ٽي ايس ٽيسٽ ڏيندڙ شاگردن جو زباني انٽرويو وٺڻ خلاف احتجاج

شاگرد محمد يونس، محمد اڪرم ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪيو

اسان سڀني ٽيسٽ پاس ڪئي آهي، آرڊر ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي: مطالبو

ڪنڌڪوٽ(خالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ ايس ٽي ايس ٽيسٽ ڏيندڙ شاگردن جو زباني انٽرويو وٺڻ خلاف احتجاج ڪنڌڪوٽ پريس ڪلب اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪنڌڪوٽ: ايس ٽي ايس ٽيسٽ ڏيندڙ نوجوان احتجاج ڪري رهيا آهن

ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن سکر جي صدارت هيٺ تعزيتي اجلاس منعقد

اجلاس ۾ انفارميشن آفيس سکر جي سمورن آفيسرن توڙي عملدارن شرڪت ڪئي

پي ايف يو جي جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ جي ڀيڻ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو

سکر(بيورو رپورٽ) ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن سکر جهانگير خان ابڙو جي صدارت هيٺ تعزيتي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ انفارميشن آفيس سکر جي سمورن آفيسرن توڙي عملدران شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ سکر پريس ڪلب جي سينيئر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏوڪري ۾ ساهرن جي زيادتين خلاف عورت پاران ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو

عورت رابيا پان معصوم نياڻي، امڙ فهميدان سان تعلقه پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

مڙس تشدد ڪري نياڻي سميت گهران ڪڍيو ۽ انڪر سپورٽ جا پئسا ڪسي ورتا آهن: عورت

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ساهرن جي زيادتن خلاف مظلوم عورت رابيا پان معصوم نياڻي پنهنجي امڙ فهميدان سان تعلقه پريس ڪلب ڏوڪري ۾ پهچي سخت احتجاج ڪندي داهيو آهي ته مڙس تشدد ڪري معصوم نياڻي سميت گهران/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڏوڪري: ساهرن جي زيادتين خلاف ناري امڙ سان گڏجي احتجاج ڪري رهي آهي

ٽائون ڪاميٽي پرياسٽي جي چيئرمين پنهنجي عهدي جو قسم کڻي ورتو

ٽائون آفيس ۾ نئين چونڊجي آيل چيئرمين سيد نورمحمد شاهه کي حلف کڻايو

دوستن اعتماد ڪيو ڪوشش هوندي ته مان ڏنل اعتماد تي پورو لهان: نورمحمد شاهه

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ٽائون ڪاميٽي پرياسٽي جي چيئرمين پنهنجي عهدي جو قسم کڻي ورتو اسسٽنٽ ڪمشنر شاهد حسين سرڪي پرياسٽي جي ٽائون آفيس ۾ نئي چونڊجي آيل چيئرمين سيد نورمحمد شاهه کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر سائيٽ ٿاڻي ۾ شهري کان موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ بعد پوليس پاران ڪارروائي

عملدارن ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي هدايتن تحت پوليس ڦورن جو پيڇو ڪيو

جوابدار شهري فضل الرحمان قريشي کان ڦر ڪيل موٽ سائيڪل هڪ جاءِ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا

سکر(رپورٽر) سکر پوليس ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب سکر سائيٽ ٿاڻي جي حد اندر هڪ شهري کان موٽرسائيڪل ڦر ڪندڙ ڦورو فرار. ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي هدايتن تحت پوليس ڦورن جو پيڇو ڪيو ته جوابدارن / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

يوم عاشور تي اهلسنت والجماعت جي ميزباني ۾ المصطفيٰ عيدگاهه ۾ مجلس منعقد

مولوي اسدالله پتو، مولوي سليم الله ڪنڀار، ميونسپل ڪميٽي چيئرمين پاران شرڪت ڪئي وئي

مجلس عزا ۾ محمد چانڊيو، مولوي مقصود راهوجو، شڪارپور، محمد حسن بصري رتوديرو خطاب ڪيو

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پتو) يوم عاشور جي سلسلي ۾ اهلسنت والجماعت جي ميزباني ۾ المصطفيٰ عيدگاهه نوديرو ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مولوي اسدالله پتو، مولوي سليم الله ڪنڀار، ميونسپل ڪميٽي نوديرو جي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نئون ديرو: اهلسنت والجماعت پاران ڪوٺايل مجلس عزا جو ڏيک

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي، ڌاڙا، ڦرون معمول بڻيل آهن: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

بدامني عروج تي آهي سنڌ جا ماڻهو محفوظ ناهن، سکر واري علائقي سنگراس مان پريا ڪماري اغوا ٿي آهي

ڪارونجهر جبل سنڌ جو اثاثو آهي، ڪنهن به صورت ۾ نيلامي ٿيڻ نه ڏينداسين، بدترين لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي

امير سنڌ جا ماڻهو بک ۽ بيروزگاري جو شڪار آهن. سنڌ ۾ طوفاني برساتن ۾ مارونڙن جا گهر پٽ پئجي ويا: ڳالهيون

محرابپور (مجاهد علي سامٽيو)محراب پور جسقم جو سينيئر وائيس چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سنڌ جي دوري دوران مرڪزي ميڊيا هائوس محراب پور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

محرابپور: جسقم اڳواڻ نياز ڪالاڻي ۽ ٻنهل ساريو پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ڪائونسل خيرپور ۾ جي ڊي اي

ميمبرن پاران اجلاس ڪوٺائڻ لاءِ

لکت ۾ درخواست

خيرپور (رپورٽر) ضلع ڪائونسل خيرپور ۾ جي ڊي اي جي ميمبرن ضلع چيئرمين نادر شوڪت راڄپر کي اجلاس ڪاٺائڻ لاءِ لکت ۾ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي , هن سلسلي ۾ درخوست جمع ڪرائيندڙ ضلع ڪائونسل ميمبر صابر حسين مهيسر ميڊيا کي ٻڌايو ته محرم الحرام ۾ جرڳا اپاءِ نه هجڻ بابت , سنڌو ۾ ڇاڙه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

غريب عوام جي ڀلائي لاءِ هميشه سٺا پروگرام مرتب ڪيا ويندا آهن: شازيه عطا مري

اسان ٻوڏ متاثرن جي مدد لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهيون، پئسا تقسيم ڪيا آهن

غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ عورتن جي رجسٽريشن لاءِ ڊائنا مڪ سروي شروع ڪئي آهي

ٺاروشاهه (رپورٽر)غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير شازيه عطا مري ڄام نواز علي رورل هيلٿ سينٽر ۾ قائم بينظير نشونما سينٽر جو دورو ڪيو. دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير جيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي پاران غريب عوام جي ڀلائي لاءِ هميشه سٺا پروگرام مرتب ڪيا ويندا آهن. بينظير نشونما سينٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ ورلڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز ۾ جعفريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاران ٺاروشاهه اسٽاپ تي سبيل لڳائي وئي

جعفريه اسٽوڊنٽس پاران ٺاروشاهه اسٽاپ تي مرڪزي سبيل امام حسين عليه السلام لڳائي وئي

ڊاڪٽر خادم حسين الحسيني جي اقتداءَ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مومنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

محسن علي ساجدي، سينيئر اڳواڻ سليم رضا ساجدي ، امجد علي ڀنيرو، سجاد علي مهدوي ۽ ٻيا شريڪ

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) هر سال وانگر هن سال به جعفريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاڪستان ضلعي نوشهروفيروز جي زير اهتمام نوشهروفيروز ۾ ٺاروشاهه اسٽاپ تي مرڪزي سبيل امام حسين عليه السلام لڳائي وئي، جتي نماز ظهرين مدرسه امام مهدي جي پرنسپال علامه ڊاڪٽر خادم حسين الحسيني جي اقتداءَ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مومنن وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيرروز: جعفريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاران لڳايل سبيل جو ڏيک

اينڊز عام چونڊن لاءِ اليڪشن

ڪميشن مڪمل تيار آهي:

مسعود احمد قريشي

متياري (رپورٽر)ضلعي اليڪشن ڪمشنر مسعود احمد قريشي چيو آهي ته اينڊز عام چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن مڪمل تيار آهي، ووٽ بابت عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ سڀني اسٽيڪ هولڊرز کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ضلعي متياري اندر ووٽ جي اهميت ۽ ووٽ بابت سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ تعلقي سطح تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽي ۾ سجڻ واري ۾ هوٽل تي حملي ۾ زخمي ٿيلن مان هڪ ڄڻو فوت، وارثن پاران لاش رکي ڌرڻو

ملاح برادري جي ماڻهن تي پيروزاڻي برادري جي ماڻهن پاران حملو ڪري ڇهن ڄڻن کي زخمي ڪيو

يار محمد ملاح ڪراچي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، ٻگهاڻ شهر ۾ لاش رکي احتجاج ڪيو

پوليس پهچي ڪيس داخل ڪري جوابدارن جي گرفتاري جي يقين دهاني بعد ملاح برادري احتجاج ختم ڪيو

ٺٽو(ٻ) 2 هفتا اڳ سجڻ واري ۾ هڪ هوٽل تي ويٺل ملاح برادري جي ماڻهن تي اوچتو پيروزاڻي برادري جي ماڻهن پاران حملو ڪري ملاح برادري جي 6 ڄڻن کي سخت زخمي ڪري وڌو هو، جيڪي علاج هيٺ آهن، جن مان هڪ زخمي يار محمد ملاح ڪراچي اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، جنهن جو لاش سندس وارث ٻگهاڻ شهر پهچائي لاش رکي احتجاج ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي ۾ عبداللطيف پٽائي ويلفيئر ايسوسيئشن پاران سبيل جو اهتمام، عزادار شريڪ

بشير احمد سنجراڻي ۽ نگراني ويلفيئر جي جنرل سيڪريٽري آصف علي پاران سبيل لڳائي وئي

عبدالحق جسڪاڻي، جوائنٽ سيڪريٽري علي شير ٻهراڻي , فائنانس سيڪريٽري راشد علي جسڪاڻي شريڪ

پٽائي ويلفيئر جي سموري ٽيم ۽ علائقي واسين فنڊ ۾ ڀرپور تعاون ڪيو ۽ اهلبيت سان محبت جو اظهار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) شاهه عبداللطيف پٽائي ويلفيئر ايسوسيئشن جي طرفان علائقي ڳريڪس ماڙيپور ڪراچي ۾ 10 محرم الحرام جي ڏينهن سبيل جو احتمام ڪيو ويو جنهنجي اڳواڻي ويلفيئر جي صدر بشير احمد سنجراڻي ۽ نگراني ويلفيئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي :شاهه عبداللطيف پٽائي ويلفيئر ايسوسيئشن پاران لڳايل سبيل جو ڏيک

ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن

سکر جي صدارت هيٺ

تعزيتي اجلاس منعقد

سکر(رپورٽر) ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن سکر جهانگير خان ابڙو جي صدارت هيٺ تعزيتي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ انفارميشن آفيس سکر جي سمورن آفيسرن توڙي عملدران شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سکر پريس ڪلب جي سينيئر صحافي ۽ پي ايف يوجي جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ جي ڀيڻ جي لاڏاڻي تي ڏک جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

قاضي احمد پوليس پاران شراب رکڻ جي مبينا الزام هيٺ گرفتار ڪري چالان ڪيل نوجوان جو احتجاج

احسان علي جو ڪيو جيل مان ضمانت تي آزاد ٿي ٻاهر اچڻ بعد پوليس اهلڪارن مٿان الزام لڳائيندي احتجاج ڪيو

موٽرسائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري ويا هئا آءُ ٿاڻي قاضي احمد پهچي اهڙي رپورٽ داخل ڪرائڻ چاهي : احسان علي

مان رشوت وٺڻ جي رڪارڊنگ ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ اوز کي ڏيکاري ته منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري چالان ڪيو ويو

قاضي احمد(رپورٽر) قاضي احمد پوليس طرفان شراب رکڻ جي مبينا الزام هيٺ گرفتار ڪري چالان ڪيل پير محلا قاضي احمد شهر جي رهواسي احسان علي جوکيو جيل مان ضمانت تي آزاد ٿي ٻاهر اچڻ بعد پوليس اهلڪارن مٿان گهر ٻاهران چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائڻ لاءِ پنگ جا 60 هزار رپيا وٺڻ جا سنگين الزام هڻندي پوليس اهلڪارن پاران پيسا وٺڻ وارين وڊيوز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نئون ديرو ۾ حضرت امام حسين عليه سلام ۽ سندس ساٿين جي لازوال قربانين جي ياد ۾ مجلس منعقد

10 محرم الحرام جي سلسلي ۾ ماتمي جلوس ويراڳي مرڪزي امام بارگاه، مظلوم ڪربلا امام بارگاهه کان ريلي

جلوس غريب آباد محلا جي جوڳي امام بارگاهه کان برآمد ٿيا، جلوس مختلف رستن کان ٿيندو عام چوڪ تي پهتو

ذاڪر قاضي مقبول احمد، پروفيسر حسن مجتبيٰ خميني شام، حضرت حسين (ع) جي عظيم قربانين کي سلام پيش ڪيو

نئون ديرو(رپورٽر) نئون ديرو ۾ حضرت امام حسين عليه سلام ۽ سندس ساٿين جي لازوال قربانين جي ياد ۾ مجلس عزاداري، زنجير زني، هر طرف حسين عليه سلام جا نعرا بلند. تفصيل موجب يوم عاشور جو ڏينهن 10 محرم الحرام جي سلسلي ۾ ماتمي جلوس ويراڳي مرڪزي امام بارگاه، مظلوم ڪربلا امام بارگاهه، ولايت علي ع اميرالمومنين، ميان چٽن شاهه، غريب آباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نئون ديرو: يوم عاشور جي تي عزادار زنجير زني ڪري رهيا آهن

مڪلي ٿاڻي جي حد ٺٽو سيمنٽ

فيڪٽري پرسان گاڏين مان بيٽري

چورين جي ڪوشش

ٺٽو (رپورٽر) مڪلي ٿاڻي جي حد ٺٽو سيمنٽ فيڪٽري پرسان شاهه مراد ڪرش پلانٽ جي گاڏين مان بيٽري چوري ڪندي چوڪيدار پاران چور کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته نامعلوم چور چوڪيدار غفور جوکيو کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويو، جڏهن ته سندس ٻئي چور ساٿي جي زخمي ٿيڻ جا پڻ اطلاع آهن جڏهن ته فرار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز جي خزاني واري آفيس ايجنٽ مافيا جي حوالي،شهرين جا ڪم رولڙي جا شڪار

ايڊمن غفار عباسي جا ايجنٽ عبدالمنان عباسي ٽريزري نوشهروفيروز کي وڻ ويڙهي ۽ جيان چنبڙي ويا

عبدالغفار عباسي اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز ۾ ڪرپشن ۽ رشوت خوري ڪرڻ جو مک ڪردار ٻڌايو وڃي

ڪاتن جي ملازمن جي ايل پي آر ، پگهارن سميت ٻين بلن تي رشوت خوري ڪري ڪاروناٽو ڪمائي ورتو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز جي خزاني واري آفيس ايجنٽ مافيا جي حوالي , ڪرپٽ ۽ راشي آفيسر امجد مغل ,سندس ڪاتو پٽ ايڊمن عبدالغفار عباسي جڏهن ته ايڊمن غفار عباسي جا ايجنٽ عبدالمنان عباسي جن ٽريزري نوشهروفيروز کي وڻ ويڙهيءَ جيان چنبڙي ويا آهن جن خزاني واري آفيس کي اڌوهيءَ جيان کائي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي جيڪي ٽوڙڻي عرصي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو پهرين آگسٽ 2023ع

لهواري لوڪ ۾ اسان جا اوپارا حڪمران

سنڌ ڏانهن وري گذريل سال جيان هن سال به ٻوڏ جو رڪاس ترڪنڊ ڪري اچي، ڪٽي مها ٻوڏ نه به آهي، پر معمول واري مينهن پاڻي کي به بدانتظامي ۽ نااهلي، سان عوام لاءِ نقصانڪار ۽ پاڻ لاءِ منافعي بخش موسم بنائڻ واري ڪامورڪي ڪرت هن ڀيري به خطري جي گهنٽي وڄائي رهي آهي. پنجاب مان ٻوڏ جو پاڻي اچڻ سبب ڳڊو بئراج وٽ سيلابي صورتحال آهي. جنهن سبب ڳڊو، ڪشمور جا هيٺانهون وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. آبپاشي کاتي جي انگن اکرن موجب، ڳڊو بئراج ۾ 56 هزار 571 ڪيوسڪ پاڻي جي واڌ ٿي آهي. ڳڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 4 لک 67 هزار 457 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 4 لک 50 هزار 217 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. پاڻي ۾ واڌ سبب پاڻي ڪنگري جي جمشيد لوپ بند، فريد آباد بچاءُ بند ۽ لاڪاٽ بچاءُ بند سان ٽڪرائجڻ سبب سوين ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا آهن. جڏهن ته سيوهڻ تعلقي جي يوسي ٽلٽي ۽ ٻنيا سخت متاثر ٿيا آهن. آبپاشي کاتي جي اختيارين موجب، وهڪرو تيزي سان ڪوٽڙي بئراج طرف وڌي رهيو آهي. ڪيرٿر تي طوفاني وسڪارن بعد ڪاڇي جون نئيون تارو تار وهي رهيون آهن. سوين ڳوٺن جو زميني رابطو مڪمل طور ڪٽجي ويو آهي.

هن وقت ٿي ڳڀوءِ وٽ ننڍي ٻوڏ آهي، اڃان ته پنجاب مان پاڻي اچي پيو. جنهن ڪانپوءِ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي. اڄ ڪان نئين برساتي سلسلي جي پڻ اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. جابلو نئيون ۽ پيو برساتي پاڻي صورتحال کي وڌيڪ خطرناڪ بڻائي سگهي ٿو هن وقت به اها صورتحال آهي جو مختلف واهن ۽ شاخن کي گهارا پئجي رهيا آهن. جنهنڪري نه صرف ڳوٺ ٻيا پڊن ۾ فصلن جي به تباهي ٿي رهي آهي. اسان سمجهون ٿا ته آبپاشي کاتي پاران پاڻي جي بهتر ريگيوليشن نه ٿيڻ ڪري به بندن کي نقصان پهچي رهيو آهي ۽ گهارا پئجي رهيا آهن. هونئن به آبپاشي کاتي وارن جي اها حِس مزاح ڪمال جي آهي ته بندن ۾ ڪوئا ۽ سها ٻِر ناهين ٿا. جنهن ڪري بند ڪمزور ٿين ٿا ۽ گهارا پون ٿا. گهارن پوڻ جو هڪ سبب اهو پڻ آهي ته پاڻيءَ جي قدرتي لنگهن تي قبضا ٿي چڪا آهن. پاڻيءَ جا قدرتي رستا بند هجڻ ڪري اهو اٿل آڻي نقصان ڪري ٿو. واهن ۽ شاخن جي ڪاٽي نه ٿيڻ پڻ هڪ سبب آهي. جو ته هر سال ڪاتيءَ جا پئسا ته جاري ٿين ٿا پر انهن پئسن تي ڪاٽ لڳي وڃي ٿو. ڪاٽي نه ٿيڻ ڪري واهن ۽ شاخن جي پاڻي کڻڻ جي گنجائش گهٽجي وڃي ٿي، انهن جو پيٽ لٽجي وڃي ٿو جنهنڪري پڻ پاڻيءَ جي ٿورڙي دٻاءَ سان ٻوڏ اچي ٿي. هونئن به بهتر ريگيوليشن نه ٿيڻ ڪري اهو آبپاشي کاتو ئي آهي. جيڪو ٻوڏ ۾ سنڌ کي سڪائڻ ۽ سوڪ ۾ سنڌ کي ٻوڙڻ جون ڪرامتون ڪندو رهي ٿو.

چوماسي جا 4 مهينا برسات جا مهينا آهن پر ان باوجود به ڪنهن امڪاني ڏکيائي کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري نٿي ڪئي وڃي. هاڻي ته موسمي تبديلين جي ڪري سنڌ ۾ هر سال ٻوڏ اچڻ لڳي آهي پر ان لاءِ مستقل بنيادن تي جتادار انتظام ڪرڻ بدران هر سال ايڊهاڪ جي بنياد تي ڪم ٽپايو وڃي ٿو. دنيا جا ٻيا ملڪ به تبديل ٿيل حالتن ۾ جيئڻ ٻيا پر اسان جا حڪمران لهواري لوڪ ۾ اوپارا آهن. هتي صرف عارضي بنيادن تي ٻوڏ ۾ ماڻهن کي ٻاهر ڪڍي ڪئمپن ۾ رهايو وڃي ٿو، ڇو ته هيءَ موسم ڪامورن جي لاءِ منافعي بخش موسم آهي. هن موسم مان جتي ضلعي انتظاميا مستفيض ٿئي ٿي، اتي آبپاشي ۽ روينيو کاتو به پنهنجا مفاد ماڻي ٿو.

اسان جي حڪمرانن کي هونئن ته سڄو سال ٻوڏ جي ڳڻتي، بندن ۽ ڪپرن جو اونو نه هوندو آهي، چمرڏسي انهن کي ڪپر تا ياد اچن. هن وقت به جڏهن ٻوڏ جو خطرو متان اچي بيٺو آهي ۽ اٿل جي ڪري سوين ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا آهن. فصل ٻڏي ويا آهن ۽ ماڻهو پاڻ مرادو لڏپلاڻ ڪري محفوظ هنڌن ڏانهن وڃي رهيا آهن. تڏهن به سنڌ سرڪار سجاڳ نه ٿي سگهي آهي. موسميات کاتي جي ان اهلي اها ته اهو برسات جو اندازو لڳائي نه سگهندو آهي. جيئن گذريل سال بلوچستان مان ايندڙ برساتي پاڻيءَ جي حوالي سان ڪا واضح صورتحال سامهون نه آڻي سگهيو. هن ڀيري به روايتي نا اهليءَ جو مظاهرو ٿيو ته، وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو. آبپاشي کاتي کي ڪنهن امڪاني ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ اپاءَ وٺڻ گهرجن. اهي ڳوٺ جيڪي متاثر ٿيا آهن، اتي جي ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي پهچائي انهن جي کاڌ خوراڪ، رهائش ۽ دوا درمل جو بندوبست ڪيو وڃي.

نوجوانو، سنڌ توهان جي منتظر آهي!

انعام ڀٽي

لکندي لکندي ڪڏهن خيال ايندو آهي ته سياسي تجزيو ۽ تبصرا اڄ ڪلهه جي نوجوان نسل ۾ ايترا مقبول نه ٿا ٿين، جيترو غير سياسي لکڻيون. خبر ناهي ته اهو منهنجو غلط گمان آهي يا حقيقت، پر جڏهن به ڪو مضمون اخبار مان ڪٽي فيس بڪ تي رکندو آهيان، جنهن ۾ موجوده سياسي صورتحال جو ڪو ذڪر نه هجي ته انهيءَ جا پڙهندڙ وڌيڪ نظر ايندا آهن. ڇا اهو نوجوان نسل مان سياسي سوچ جي اٺات ٿيندي پئي وڃي يا انهن جي دلچسپي آس پاس جي سياسي ۽ سماجي منظر نامي کان لاتعلق ٿيندي پئي وڃي؟ اهو بلڪل به نه وسارڻ گهرجي ته سياست سماجي تبديلي جي سائنس جو واحد علم آهي، جنهن جي وسيلي نه رڳو پنهنجي سماج کي سمجهي ۽ انهيءَ ۾ تبديلي جي لاءِ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو، پر پوري دنيا جي سماجن کي، اتي جي نظام کي ۽ انهن جي سياسي نظام جي ڪري ٿيندڙ سماجي ۽ معاشي ترقي کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. نوجوانو ياد رکو ته سياسي شعور ملڪن، قومن ۽ ذاتي بقا جي لاءِ پڻ انتهائي اهميت رکي ٿو. جيڪڏهن پنهنجي وطن، پنهنجي قومي تشخص ۽ پنهنجي ذات جي بقا چاهيو ٿا ته سنڌ جي سياسي منظر نامي سميت سموري دنيا ۽ خاص طور خطي جي سياسي منظر کي ضرور سمجهو، پرکيو ۽ پروڙيو. هن وقت سموري سنڌ جي آبادي جو سٺ سيڪڙو کان مٿي اوهان نوجوان آهيو. اوهان کي پنهنجي وطن جي مالڪي سان گڏوگڏ دنيا جي ترقي سان گڏجي اڳتي وڌڻ جي لاءِ مفيد رستا ۽ راهون تلاش ڪرڻيون آهن. موجوده وقت ۾ سنڌ جي اندر خراب حڪمراني، ڪرپشن، بي ايماني ۽ نا اهلي جي بازار لڳي پئي آهي. انهيءَ مان اوهان سنڌ جي نوجوانن کي هر حال ۾ نڪرڻو پوندو. اڄ به جيڪڏهن سنڌ جو نوجوان موجوده پيپلز پارٽي جي طرز حڪمراني، ادارن جي اندر مقرري ۽ سنڌ جي قومي وسيلن جي نيلامي تي خاموش رهندي رڳو اهو انتظار ڪندو رهيو ته ڪيس ڪا نوڪري، ڪو روزگار يا ڪنهن سرڪاري اداري جي طرفان ڪا مدد ڪنهن وزير، مشير، سرڪاري اديب يا صحافي يا ڪنهن ڪرپٽ ڪاموري جي معرفت ملي پوي ته سندس زندگي تبديل ٿي ويندي ته پوءِ اها سوچ سنڌ جي هڪ نه هڪ ڏينهن تباهي جو سبب ضرور بڻجندي.

سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن جي سربراهن جي مقرري هجي يا سنڌ جي امتحاني بورڊن جي عملدارن جي مقرري، سنڌ جي اسڪول ۽ ڪاليجن جي آفيسرن جي مقرري هجي يا انهن اسڪول ۽ ڪاليجن جي سربراهن جي مقرري، انهن سڀني ۾ جيڪو به عملدار پنهنجي اهليت، قابليت ۽ تجربي جي بجاءِ پئسن ۽ سفارش جي بنياد تي اچي ٿو ته يقينن هو پنهنجي اداري سان انصاف نه ڪندو. سوچ ۽ نظر اداري جي بهتري واري ڪونه هوندي. جي پئسن جي عيوض عهدو ورتو هوندائين ته سموري توانائي انهي اداري مان پئسن ڪمائڻ تي صرف ڪندي. جي سفارش تي آيو هوندو ته پوءِ هر گڏ ڪو ڪنهن جي سفارش تي آيو ڪري چڏيندي. پيو ته جن جي سفارش تي آيو هوندو، انهن جي هر ڪم جي لاءِ سندس حضوري ۾ لگو رهندو. اهڙن ادارن جي سربراهن جي ڪُڏن ڪمن جي نتيجي ۾ سموري سنڌ جي ايندڙ نسلن جو مستقبل داءَ تي لڳو رهي ٿو. پر اسان جا نوجوان انهن ادارن جي سربراهن جي غلط ڪارين جي خلاف خوف ۽ لالچ سبب ڪڇڻ به گناهه ٿا سمجهن. جيڪڏهن ڪي نوجوان انهن ادارن جي سربراهن جي غلط ڪارين خلاف آواز اٿارين ٿا ته سرڪاري قانون نافذ ڪندڙ ادارا پوليس ۽ والدين. حق جي آواز بلند ڪندڙن کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هئڻ ته ائين گهرجي ته جيڪڏهن ڪنهن به غلط ڪم جي خلاف ڪو آواز اٿاري ته انهيءَ سان گڏ بيهڻ گهرجي. انهيءَ جو ساٿ ڏيڻ گهرجي ۽ انهيءَ جي عمل کي قوم جي سماج جي ۽ ملڪ جي سڌي رستي تي هلڻ جي لاءِ بهتر عمل سمجهڻ گهرجي، پر اسان جي ملڪ جا ادارا، والدين ۽ ادارن جا سربراهه اهو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن به غلط ڪاري کي روڪڻ جي لاءِ اڄ هي نوجوان ڪامياب ٿي پيا ته ايندڙ وقت ۾ ملڪ جي اندر ٿيندڙ سمورين غلط ڪارين خلاف متحد ٿي اهي نوجوان نڪري سگهن ٿا. اهي هي ڪوڙ جو سماج ڍاهي پٽ ڪري ڪو انقلاب آڻي سگهن ٿا. جنهن جوئي ڪارڻ آهي جو اڄ سنڌ جي هر تعليمي اداري ۾ شاگردن جي سياسي سرگرمين تي پابندي مڙهيل آهي. سياست ته ڇڏيو، جيڪڏهن ڪنهن تعليمي اداري ۾ ڪو شاگرد پنهنجي اداري جي سربراهه کان ڪو سوال ڪري ٿو ته سندس يا داخلا ختم ٿي ڪئي وڃي يا وري انهيءَ جي مٿان ڪيس داخل ڪرائي هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. سنڌ تي جڏهن ون يونٽ مڙهيو ويو يا سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته انهيءَ وقت سنڌ جي هر تعليمي اداري جي شاگردن، استادن توڙي سنڌ جي ساڃاهه وندن پاڻ ملهايو. آمرن جون مارشل لائون هجن يا وري سنڌ جي مٿان جمهوريت جي نالي ۾ پيپلز پارٽي جي جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪمراني، سڀني وقتن تي سنڌ جي شاگرد نوجوان پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا

ڪيو. حيرت اها آهي ته انهي، وقت سنڌ جي آبادي جو ايترو گهڻو تعداد به پڙهيل لکيل ڪونه هو. هن وقت جيترو آهي. اڄ جي نوجوان جي ڪردار کي ڪنهن جي ڊپ، لالچ ۽ خوف جو زنگ لڳي چڪو آهي. ڪالهه جن اديبن، دانشورن ۽ شاگرد اڳواڻن جيل ڪاٽيا يا سختيون سٺيون، اڄ انهن جو اڪثريت ذاتي مفادن خاطر لالچ ۽ خوف ۽ پيپلز پارٽي جي سرڪاري سرپرستي هيٺ ڪنهن نه ڪنهن سان ونگار ۾ لڳي پئي آهي. انهن مان ڪا گهٽي اميد رکڻ جي بجاءِ انهن جي به رستا روڪ ڪرڻ جي لاءِ سنڌ جي نوجوانن کي اڳيان اچڻو پوندو. سوال ڪريو هر انهيءَ ڪردار کان. سوال ڪريو، جنهن کي اوهان سنڌ جي ماضي جي ڪنهن ڪردار ۾ ڪو آدرشي ڪردار سمجهيو هو يا اڄ به ڪيس سمجهو ٿا. انهن کان سوال ڪريو ته انهن جو قبلو ڪهڙو آهي؟ سندن آدرش ڪهڙا آهن؟ انهن کان سوال ڪريو ته اوهان هن وقت سنڌ جي وجود، قومي تشخص ۽ وسيلن جي مالڪي لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيا آهيو؟ ڪنهن جي شاعريءَ جي سٽن کي يا نثري تشبيهن ۽ استعارن کي سندن سنڌ سان محبت جو ماڻ ۽ ماپو سمجهي انهن جي واهه واهه ڪرڻ جي بجاءِ اهو ڏسو ته ان جو اڄ جي سياسي وايومنڊل ۾ ڪردار ڪهڙو آهي. موجوده پيپلز پارٽي جي سرڪار جو نقاد آهي يا پيپلز پارٽي جي سرڪار مان ڪنهن نه ڪنهن طرح مستفيض ٿيندڙ؟! جيڪڏهن سرڪار مان فائدا حاصل ڪندڙ آهي ته پوءِ پڪ ڄاڻو اهو ڪڏهن به سنڌ جي بهتر مستقبل جي لاءِ ڪا به قرباني ڪونه ڏئي سگهندو. جنهن کي ڏسو ته هو خالي هٿين، ڪهڙي به سرڪار هجي، انهيءَ سان سنڌ جي قومي مفادن تي سودي بازي نه ٿو ڪري ته يقين رکو، اهوئي اوهان کي سڄين ڏگ لائي سگهي ٿو. هن وقت سنڌ کي لکين اهل ايماندار ۽ جرئتمند نوجوانن جي ضرورت آهي، جيڪي پنهنجي ذات جي، ذاتي خواهشن جي قرباني ڏئي سنڌ جي قومي بقا، سنڌ جي قومي تشخص ۽ سنڌ جي مالڪي جي لاءِ سياست جي ميدان ۾ اڳيان نڪري اچن. هن وقت سنڌ کي ضرورت آهي لکين اهڙن باڪردار، بي خوف ۽ اڻلوبي نوجوانن جي، جيڪي سنڌ جي خلاف ٿيندڙ هر سازش سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار هجن. اي سنڌ جا نوجوانو! سنڌ توهان جي منتظر آهي. اوهان پنهنجي اهليت، ايمانداري ۽ جرئت سان اڳتي وڌو ۽ سنڌ جي اڳواڻي لاءِ، مالڪي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو.

صرفيءَ سيڙ سين ۾، جتن رڳن ۾ ساهه
سا نه ڪري ڳالهڙي، جتن پوين پروڙي پساهه
آهس اِئي گناهه، جي ڪا ڳري پڌري

بهاولپور يونيورسٽي ۽ تعليمي نظام

رفيع ملاح

تعليم ئي انسان جي زندگي جو اهو سرمايو آهي، جيڪا انسان کي نه رڳو شعوري طور سگهارو ڪري ٿي پر زندگي جوڙڻ جو گُر به ڏئي ٿي. ڪري دنيا ۽ تعليمي ادارا ماءُ جي هنج ڪان وڌيڪ مقدس ٿين ٿا، پر بدقسمتي سان اسان وٽ تعليمي ادارن ۾ جيڪي واقعا رپورٽ ٿين ٿا ته انهن جي اندروني ڪهاڻين بدران ڪچي ئي والدين سکڻي ۽ اچي وڃن ٿا. هونئن ته اسانجي ملڪ جو اهو ٿي الميو آهي، جو هتي هر مجبور ۽ پريشان ماڻهوءَ جي مجبوري مان فائدو وٺي انهيءَ ۾ مان پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اهو ئي مجبور ماڻهو مرد هجي يا عورت. اهو پنهنجي مجبوري جي خاطر استحصال جو شڪار ٿئي ٿو ۽ موقعي پرست ماڻهو ان جي مجبوري جو پورو فائدو وٺن. نه رڳو فائدو استعمال ڪيو ٿو. مجبوري جو آڙ ۾ مسلسل بليڪ ميلنگ ۽ استحصال جو ڪين نشانو بڻايو وڃي ٿو. اهڙي ئي افسوسناڪ واقعو اسلامي يونيورسٽي بهاولپور ۾ ٿيو آهي، جنهن جي انڪشاف ڪان پوءِ ملڪ ۾ هڪ هلچل مچي وئي آهي. استاد ۽ شاگردياڻيءَ جو انڪشاف ڪندو رهيو آهي، استاد جو مقدس پيشو به آلوده ٿي چڪو آهي. نه رڳو جنسي استحصال جيڪي جي خبر پئي آهي. ڪڏهن يونيورسٽي جي چيف سيڪيورٽي آفيسر ۽ ڊائريڪٽر فنانس جي موبائيل فون مان 5500 کان وڌيڪ فحش وڊيوز مليون آهن ته باقي جيڪي انهيءَ گينگ جو حصو آهن، انهن وٽ ڪيترين ويڊيو هونديون ۽ انهن جي حالت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪهڙي قسم جي بيهودا حرڪتن ۽ ملوث هجڻ سان گڏ انهيءَ جي ڪردار کي پنهنجي موبائيل فونن ۾ محفوظ رکيو وڃي ٿو. انهيءَ عمل مان سندن ڪرمنل سوچ ۽ داداگيري جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

هي اسانجي ملڪ جي ڪنهن پهرين يونيورسٽي ۾ ٿيل واقعو ناهي ۽ نه ئي وري مان سمجهان ٿي ته هي ڪو آخري هوندو، ڇاڪاڻ جو جيڪو تعليمي نظام لاڳو ٿيل آهي ۽ جيئن طريقيڪار لاڳو ٿيل آهي، انهيءَ طريقيڪار جي ان قسم جي استحصالي چار ۾ ڪنهن به شاگرديائيءَ کي ڦاسائڻ آسان آهي. غربت، بيوسي ۽ تعليم اڌوري رهڻ جي خوف يا وري خانداني بدنامي جي داغ کان لنوائيندڙ ڇوڪريون يونيورسٽين جي استادن هٿان اڪثر استعمال ٿي وڃن ٿيون. ڇاڪاڻ جو سندن قسمت ۽ مستقبل جو مڪمل اختيار انهيءَ استاد جي هٿ ۾ ڏنو ويو آهي، جيڪو ڪين جيئن چاهي استعمال ڪري ٿو سگهي ۽ پوءِ ان قسم جا واقعا اڪثر ٿيندا رهن ٿا. هڪ ته تعليمي ادارن خاص طور يونيورسٽين ۾ سيمسٽر سسٽم لاڳو ٿيل آهي ۽ انهيءَ سيمسٽر ۾ پڙهائيندڙ استاد کي ئي امتحان وٺڻ جو اختيار آهي ۽ پوءِ لاڳاپيل سبجيڪٽ جو استاد پاس ڪرڻ يا فيل ڪرڻ کان وٺي پوزيشن ڏيڻ ۽ پوزيشن کسڻ تائين جا سڀ اختيار رکي ٿو جنهن سبب شاگردياڻيون بليڪ ميل آساني سان ٿي ٿيون وڃن. جڏهن هڪ شاگردياڻي ڪنهن استاد جي ويجهو ٿي انهيءَ جي هٿان غلط استعمال ٿي ۽ سندس خواهش پوري ڪري سٺا نمبر حاصل ڪري ٿي ته هن مقابلي بازيءَ جي دور ۾ ٻي ڇوڪريءَ کي اهي ئي بگهڙ جي روپ ۾ موجود استاد ان ڇوڪريءَ جو مثال ڏئي ڪيس آسانيءَ سان ڦاسائي ٿا وٺن. اها صورتحال ملڪ جي سمورين يونيورسٽين جي آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ ڪي به سنجيده قدم ڪجهندي نظر نٿا اچن. نتيجي ۾ اهڙن واقعن ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي، جيڪو انتهائي ڳڻتي جوڳو عمل آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته يونيورسٽين ۾ سيمسٽر واري امتحان تي نظرثاني ڪري ساليانو امتحان جيان ڪو ميڪنزم جوڙيو وڃي ۽ انهيءَ امتحان دوران امتحان وٺڻ کان وٺي نتيجن جي جاري ڪرڻ تائين لاڳاپيل استادن جو ڪو به عمل دخل نه هجڻ گهرجي. يونيورسٽين جي شاگردن توڙي شاگردياڻين جي حاضري ۽ امتحان وارو معاملو ٽرڊ پارٽي حوالي ڪيو وڃي. استادن کي امتحاني حوالي سان بي اختيار ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪو به عمل انهيءَ بليڪ ميلنگ کي روڪي نه سگهندو. ان کان علاوه والدين کي به گهرجي ته پنهنجي اولاد تي سٺن نمبرن جو دٻاءُ نه وجهن. انهن سان دوستي جهڙو ورتاءُ ڪن ته جيئن اولاد، خاص طور ڇوڪريون پنهنجا مسئلا آساني سان ٻڌائي سگهن. ڪين ڪاليج کان وٺي يونيورسٽي تائين مرضي موجب تعليم حاصل ڪرڻ جو حق ڏين ۽ انهن کي ذهني طور دٻاءَ کان آجو رکيو وڃي. اهڙي سلوڪ کانسواءِ پنهنجين نياڻين کي وحشي بگهڙن کان بچائڻ مشڪل آهي.

بقايا 01 ✻✻✻

اهم قرار ڏئي ڇڏيا آهن پرنسپل پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج جي پروفيسر نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته گذريل ڏينهن رضوانه جي طبيعت بهتر هئي. اڄ صبح 4 ڳي سندس طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي. رضوانه کي ٻيهر آڪسيجن لڳائي وئي آهي. رضوانه جي طبيعت خراب ٿئي ٿي ته سندس دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي آهي. اڄ دل جو ڊاڪٽر به رضوانه جو معائنو ڪندو. هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف 14 ورهين جي ٻارڙي رضوانه تي گهريلو تشدد جي واقعي جو نوٽيس وٺندي متاثر ٻارڙي جي والدين کي انصاف جي فراهمي جو يقين ڏياريو آهي. وزيراعظم آفيس طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته معاشرو اهڙي انڌير نگري، ظلم ۽ جبر برداشت نٿو ڪري سگهي. پوليس ڪنهن به قسم جي دٻاءَ ۾ اچڻ کان سواءِ قانون تي سختي سان عمل ڪري. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ظالم ۽ قانون جي پڇڪڙي ڪندڙ ڪنهن به صورت ۾ رعايت جا مستحق نه آهن. قانون تي عمل هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. جوابدار ڪير آهي اهو نه ڏٺو وڃي متاثر خاندان کي انصاف جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. وزيراعظم پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي کي به ٻارڙي جي علاج لاءِ بهترين سهولتون ڏيڻ جي هدايت ڪندي واقعي بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. متاثر ٻارڙي جي والدين طرفان پنهنجي ڌيءَ کي زهر ڏيڻ جو امڪان به ظاهر ڪيو ويو آهي جنهن تي ٻارڙي جي سار سنڀال ڪندڙ عملي ٻارڙي جا نمونا وٺي ٽيسٽ جي لاءِ ليبارٽري اماڻي ڇڏيا آهن.a

بقايا 02 ✻✻✻

ويو آهي. جميل احمد چيو ته مانيٽري پاليسي ڪميٽي موجب ايندڙ مهينن ۾ مهانگائي ۾ لاٿ جو امڪان آهي. ايندڙ 2 مهينا مهانگائي جي شرح 20 کان 22 سيڪڙو رهڻ جي اميد آهي. جڏهن ته ايندڙ سال ترقي جي شرح 2 کان 3 سيڪڙو تائين رهڻ جي اميد آهي اسٽيٽ بينڪ جي گورنر ٻڌايو ته امپورٽ تي لڳايل پابنديون هٽايون ويون آهن. جولاءِ ۾ ناڻي جا متاستا وارا ذخيرا 4.2 ارب ڊالر وڌيا آهن ۽ هن وقت اسان جي ناڻي جي متاستا جا ذخيرا 8.2 بلين ڊالر آهن. هن چيو ته ڊسمبر ۾ اسان جي ناڻي جي ذخيرن ۾ بهتري ايندي. ايندڙ مالي سال جون ڪجهه ادائيگيون رول اوور ٿي وينديون.

بقايا 03 ✻✻✻

شامل ڪئي جنهن سان لوڊشيڊنگ جي صورتحال بهتر رهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي خرم دستگير چيو اڳوڻي حڪومت مجرماڻي غفلت ڪري هن منصوبي کي دير جو شڪار ڪيو. پر موجودا حڪومت ملڪ ۾ 5 هزار 63 ميگاواٽ نئي بجلي سسٽم ۾ شامل ڪئي جنهن ڪري سڄو سال ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ جي صورتحال بهتر رهي. سندس چوڻ هو ته اسان ايران سان جيوڻي گوادر تائين 100 ميگاواٽ بجلي فراهمي جو معاهدو ڪيو ۽ بجلي فراهم ڪئي. ٿرجي ڪوئلي مان هڪ هزار 980 ميگاواٽ بجلي جي پيداوار جي شروعات ٿي جيڪا ملڪي تاريخ ۾ اهم ڪاميابي آهي. توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير چيو ته شنگهائي اليڪٽرڪ، ڪروٽ ۽ ڪراچي ۾ به بجلي پيداوار جي منصوبن جي شروعات ٿي. هن چيو ته سڪي ڪناري ۽ لاهور نارٽ ٽرانسميشن لائن جي پيڙهه جو پٿر رکيو ويو. گذريل حڪومت جي دور ۾ ملڪي تاريخ جو سڀ کان وڏو گردشي قرض هو. سي فائيو نيو ڪليئر پاور پلانٽ جي معاهدي تي صحيحون ٿي چڪيون آهن. توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير چيو ته شمسي توانائي جي منصوبن لاءِ به فريم ورڪ تيار ڪيو ويو آهي. هلندڙ سال ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ جي حوالي سان صورتحال بهتر رهي. 200 يونٽ تائين استعمال ڪندڙن لاءِ بجلي جي قيمت ۾ اضافو ناهي ڪيو ويو

بقايا 04 ✻✻✻

وئي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق سياڻي درخواست تي اعتراضن سان گڏ ٻڌڻي ڪندو پي ٽي آءِ چيئرمين ايف آءِ اي انڪوائري ڪالعدم قرار ڏيڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي هئي

بقايا 05 ✻✻✻

جي وزيراعظم هائوس پهچڻ تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري آجيان ڪئي. ان کان پوءِ پاڪستان ۽ چين وچ ۾ مفاهمت جي مختلف يادداشتن تي صحيحون به ڪيون ويون جنهن ۾ وفاقي وزير بلاول ڀٽو زرداري، احسن اقبال، نويد قمر، مريم اورنگزيب ۽ سعد رفيق به شامل هئا. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ايم ايل ون ۽ ڪراچي سرڪلر ريلوي اهم منصوبا آهن ۽ يقين آهي ته پاڪستان ۽ چين گڏيل سهڪار سان انهن رٿائن تي مڪمل ڪيو ويندو ۽ اسان اڻٿڪ محنت سان پاڪستان کي پنهنجن پيرن تي بيهاريندا سين. ٻئي پاسي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته پاڪ چائنا دوستي هميشه برقرار رهندي ۽ ان ۾ اسان ڪنهن به قسم جي ڪا به رنڊڪ برداشت نه ڪنداسين. اسلام آباد ۾ پاڪستان ۽ چين وچ ۾ مفاهمتي يادداشتن تي صحيح واري تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪ چين اقتصادي راهداري (سي پيڪ) جا 10 سال مڪمل ٿيڻ تي مان چين جي نائب وزيراعظم پاڪستان پهچڻ تي ٿورائتو آهيان. هن چيو ته 10 سال اڳ سي پيڪ منصوبن تي ڪم جي شروعات ٿي هئي، سي پيڪ جي تحت 25 ارب ڊالرن جي سرمائيڪاري ڪئي وئي. پاڪستان ۽ چين اهڙي معاهدي تي 10 سال اڳ صحيحون ڪيون هيون. ان جي مس سڪڻ کان اڳ ئي ان تي عمل جي شروعات ٿي وئي هئي. شهباز شريف چيو ته اهڙي معاهدي جي بدولت اسان اڄ چئي سگهون ٿا ته پاڪستان ۾ توانائي وارو شعبو رود، انفراسٽرڪچر، پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ بائيڊل پاور سيڪٽر ۾ 25 ارب ڊالر کان وڌيڪ جي سرمائيڪاري آئي. مون کي ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اسان هاڻ سي پيڪ جي ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. اڄ اسان ڪجهه اهم ڪاغذن تي صحيحون ڪيون آهن جيڪي ٻنهي ملڪ وچ ۾ اقتصادي تعاون ۾ وڌيڪ اضافي جو سبب بڻجندا. وزيراظم چيو ته اسان سي پيڪ جو ٻيون مرحلو نئين ماڊل جي تحت اڳيان وڌائينداسين. اهو واپار تو واپار، سرمائيڪاري، زراعت ۽ آءِ ٽي تي ڌيان هوندو. چين جي تعاون سان پاڪستان پنهنجي مصنوعات چيني حڪومت جي معيار ۽ ضرورت مطابق برآمد ڪري سگهي. شهباز شريف چيو ته مان چين جي نائب وزيراعظم کي بطور خصوصي سفير پاڪستان اماڻڻ تي شي جن پنگ جو ٿورائتو آهيان ان سان دنيا ۾ اهو پيغام ويندو ته چين ۽ پاڪستان هڪ اهڙي تعلق سان جڙيل آهن جيڪو دنيا کان منفرد آهي.

بقايا 06 ✻✻✻

۾ سماجي ترقي جو دور سي پيڪ سان شروع ٿيو. سي پيڪ چين ۽ چين جي وچ ۾ دوستي جي نئين دور جي شروعات آهي. پاڪستان سي پيڪ بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو جو حصو آهي. چيني نائب وزيراعظم جو چوڻ هو ته پاڪستان ۽ چين جي دوستي هماليه کان بلند ۽ سمنڊ کان گهٽي آهي. پاڪستان ۽ چين جا تاريخي دوستاڻا لاڳاپا آهن ان کان اڳ چين ۽ پاڪستان وچ ۾ مفاهمت جي مختلف يادداشتن تي صحيحن واري تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته ايم ايل ون جي فريم ورڪ ۽ قراقرم هاءِ وي جي ريئل لائننگ سميت چين سان اهم معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون آهن. جنهن سان اقتصادي سهڪار ۾ اضافو ٿيندو.

بقايا 07 ✻✻✻

جي مائيننگ ۽ نيلامي لاءِ پهرين آگسٽ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي هئي جنهن بعد ۾ نيلامي ملتوي ڪندي 4 آگسٽ جي نئين تاريخ مقرر ڪئي وئي هئي. نوٽيفڪيشن موجب 4 آگسٽ تي رٿيل نيلامي به رد ڪئي وئي آهي. 4 آگسٽ واري نيلامي لاءِ 29 جولاءِ تي اشتهار جاري ڪيا ويا هئا اشتهارن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان ليڪ سالٽ، چائنا ڪِلي، ماربل، گريول، ريتي بجري ۽ ٻين معدنيات جي مائيننگ ۽ نيلامي جو اعلان ڪيو ويو هو عوام جي سخت احتجاج ڪانپوءِ معدنيات کاتي کي هڪ ڀيرو ٻيهر نيلامي رد ڪرڻي پئي

بقايا 08 ✻✻✻

احتجاج جي ڀرپور حمايت به ڪئي ويندي سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جي ترجمان موجب 4 آگسٽ کان پوءِ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جو اجلاس منعقد ڪري حڪمت عملي جوڙي ويندي سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جي ڪنوينر سيد جلال محمود شاهه چيو آهي ته ڪارونجهر جي نيلامي خلاف سخت مزاحمت ڪئي ويندي. سنڌ جو عوام حڪومتي فيصلي خلاف احتجاج لاءِ تيار رهي جلال شاهه چيو ته سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جو اجلاس ڪارونجهر تي حملو ڪندڙن خلاف اعلان جنگ هوندو. 15 سالن کان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت ساحلي پٽي، سنڌ جا ٻيٽ، ڪوئلو، تيل ۽ جبلن کي نيلام پئي ڪري. هن چيو ته ڪارونجهر جي نيلامي خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي، قومي عوامي تحريڪ، رهبر ڪاميٽي ۽ جسقم پاران اعلانيل احتجاج جي ڀرپور حمايت ڪئي ويندي سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جي ڪنوينر ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سربراهه سيد جلال محمود شاهه جي ترجمان پاران اهڙو بيان جاري ڪيو ويو آهي جڏهن ته عوامي تحريڪ پاران اڄ ننگر پارڪر ۾ ڪارونجهر بچايو سنڌ بچايو ريلي ڪڍي ويندي. سنڌ ترقي پسند پاران 4 آگسٽ تي ڊي جي مائينز ۽ منرلز جي آفيس آڏو ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويو آهي قومي عوامي تحريڪ پاران به 4 آگسٽ تي ريلين ۽ مظاهرن جو اعلان ڪيو ويو هو رهبر ڪاميٽي به 4 آگسٽ تي احتجاج جو اعلان ڪيو آهي ۽ ٻين قومپرستن پاران به ڌار ڌار احتجاج جا اعلان ڪيا ويا هئا

بقايا 09 ✻✻✻

ريلي ڪڍي وئيرو پلو ڪولهي يادگار تان مسڪين جهان خان کوسو چوڪ تائين ريلي ڪڍڻ بعد ڌرڻو هنيو ويو ريلي ۾ عوامي تحريڪ، هاري تحريڪ ۽ ٻين سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن شريڪ ٿيا اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڪارونجهر سنڌ جي سونهن آهي، سنڌ جي سونهن نيلام ٿيڻ نه ڏينداسين جڏهن ته ڏيپلو ۾ به ڪارونجهر جي نيلامي خلاف شهرين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

بقايا 10 ✻✻✻

طلب ڪري ورتو آهي. اپوزيشن اڳواڻ ان سلسلي ۾ چيو آهي ته نگران وزيراعظم جي نالي تي غور جي لاءِ جماعت اسلامي ۽ جي ڊي اي جي ميمبرن کي به دعوت ڏني وئي آهي. نگران وزيراعظم جي لاءِ 3 نالا تجويز ڪيا ويندا. ڪوشش هوندي ته تجويز ڪيل نالن ۾ ماهر معيشت، سياستدان ۽ ٽيڪنو ڪريٽ شامل هجن. ياد رهي ته 2 ڏينهن اڳ نگران وزيراعظم جي مقرري جي سلسلي ۾ مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ مشاورت جو ٻيو دور شروع ٿيو هو جنهن ۾ پ پ جي وفد ۾ راجا پرويز اشرف، نويد قمر ۽ خورشيد شاهه شامل هئا جڏهن ته خواجه آصف ۽ اياز صادق به انهن سان ملاقات ڪئي هئي. جنهن ۾ نگران وزيراعظم جي مقرري حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون هيون.

بقايا 11 ✻✻✻

نگران يا سياسي حڪومت ۾ ڪوبه عهدو نه گهرجي. مان پنهنجي پيرسن امڙ جي ڪري ڪراچي نٿو ڇڏي سگهان. هن چيو ته مان پنهنجي ايندڙ زندگي پيشيوارانه ڪم ۽ ڪتاب لکڻ ۾ گذارڻ چاهيان ٿو. ايس آءِ يو ٽي لاءِ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو پنهنجي ايندڙ زندگي اسلام ۾ ضائع نٿو ڪرڻ چاهيان.

بقايا 12 ✻✻✻

سان پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل عمر ايوب جي صحيح باقاعده نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ ٻنهي اڳواڻن جي ميمبرن کي پارٽي ڇڏڻ ۽ پرڪائڻ تي رڪنيت ختم ڪئي. ياد رهي ته عمران خٽڪ نوشهره مان پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجيو هو جڏهن ته اسحاق خٽڪ پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ پرويز خٽڪ جو پٽ آهي. پي ٽي آءِ پرويز خٽڪ جي پارٽي رڪنيت اڳ ئي ختم ڪري چڪي آهي جڏهن ته پرويز خٽڪ کي پي ڪي جي اڳوڻي وڏي وزير محمود خان سان ملي پنهنجي ڌار پارٽي پي ٽي آءِ پارليامينٽرين جي بنياد رکي چڪو آهي.

بقايا 13 ✻✻✻

طرفان متفرق درخواست به ڏني وئي آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان داخل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، ٽرائل ڪورٽ کي ڪارروائي کان ناهي روڪيو. اسٽي آرڊر نه ڏيڻ سان ٽرائل ڪورٽ ۾ ٻڌڻي مڪمل ٿي ويندي ۽ ٽرائل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواستون غير اثرائتيون ٿي وينديون. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته هاءِ ڪورٽ کي اسٽي آرڊر تي منظور يا رد جو آرڊر جاري ڪرڻ گهرجي ها. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي حڪم خلاف اپيل ٻڌڻي لاءِ منظور ڪئي وڃي. انڪانسواءِ متفرق درخواست ۾ ڪيس پهرين آگسٽ تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪرڻ جي گذارش ڪئي وئي آهي.

بقايا 14 ✻✻✻

سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته بس جو نئون روٽ 18 ڪلوميٽر ڊگهو هوندو. هن چيو ته بس جو نئون روٽ ميلر ڪينٽ چيڪ پوسٽ 5 کان شروع ٿيندو ۽ بس صفورا چورنگي، موسميات، ڪامران چورنگي ۽ ڊالميا وٽان گذرندي. شرجيل ميمڻ چيو ته بس اسٽيڊيم روڊ ۽ ايم اي جناح روڊ کان ٿيندي نمائش چورنگي تائين پهچندي.

بقايا 15 ✻✻✻

فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي، 38 مڙهه سڃاڻپ بعد وارثن حوالي ڪيا ويا. 8 لاش سڃاڻپ جوڳا نه هئڻ سبب اسپتال ۾ رکيا ويا گذريل ڏينهن باجوڙ ۾ جي يو آءِ ف جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ڌماڪي دوران 40 ڄڻا مارجي ويا هئا. مارجي ويلن ۾ جي يو آءِ ف جو مقامي امير مولانا ضياءُ الله جان ۽ تعلقي جو جنرل سيڪريٽري حميد الله حقاني به شامل آهن ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر نذير خان جو چوڻ آهي ته ڌماڪي بعد 3 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن. آءِ جي ڪي پي اختر حيات خان چيو آهي ته آپگهاتي ڌماڪي واري هنڌ تان شاهديون گڏ ڪيون ويون آهن. جيوفينسنگ به ڪئي وئي آهي

بقايا 16 ✻✻✻

کي خطاب ۾ اسحاق ڊار چيو ته نوازشريف جيئي قيادت سان ملي سي پيڪ منصوبو شروع ڪيو هو بينڪ آف چائنا ۽ پاڪستان وچ ۾ هلندڙ تعاون ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو هن چيو ته پاڪستان جا معاشري اشارا بهتري طرف گامزن آهن مون کي يقين آهي ته پاڪستان جي معيشت تمام جلد بهتر ٿي ويندي.

بقايا 17 ✻✻✻

ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي منظور قادر ۽ اڳوڻي مختيارڪار خير محمد ڏاهري جي عبوري ضمانت ۾ واڌ جي درخواست تي ٻڌڻي اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن ڪورٽ ۾ ٿي. عدالت جوابدار اڳوڻي ڊي جي ايس بي سي اي منظور قادر ڪاڪا ۽ اڳوڻي مختيارڪار خير محمد جي عبوري ضمانت رد ڪري ڇڏي. اينٽي ڪرپشن ڪورٽ نسلا ٽاور ايراضي ڪيس ۾ ٻنهي جوابدارن جي عبوري ضمانت رد ٿيڻ کان پوءِ ڪين گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو جنهن کان پوءِ اينٽي ڪرپشن ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو سرڪاري وڪيل چيو آهي ته ٻنهي جوابدارن تي نسلا ٽاور جي زمين 700 گز مان وڌائي 11000 گز ڪرڻ جو الزام آهي. ياد رهي ته سپريم ڪورٽ نسلا ٽاور جي غيرقانوني تعمير جو نوٽيس وٺي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو عدالتي فيصلي بعد جوابدار عدالت مان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهلڪارن ڪيس گرفتار ڪري ورتو عدالت ايس بي سي اي جي اڳوڻي ڊي جي منظور قادر ڪاڪا جي ضمانت بابت وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو

بقايا 18 ✻✻✻

وزير ۽ تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شوڪت يوسفزئي جده پهچڻ کان پوءِ فيس بڪ تي فوٽو شيئر ڪندي پيغام جاري ڪيو آهي ته هو عمري جي ادائيگي لاءِ جده پهچي ويو آهي. هن لکيو آهي ته رب پاڪ ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي استحڪام ۽ امن قائم ڪري. ياد رهي ته پوليس 21 جولاءِ تي شوڪت يوسفزئي جي گرفتاري لاءِ سندس گهر تي ڇاپو هنيو هيو پر هو گهر تي موجود نه هو اڳوڻي صوبائي وزير شوڪت يوسفزئي خلاف پرتشدد مظاهرا ۽ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪيس داخل ٿيل آهن ۽ هو پوليس کي به گهربل هو ٻڌايو پيو وڃي ته شوڪت يوسفزئي تي پرويز خٽڪ جي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ به دٻاءُ هو پر هو پي ٽي آءِ چيئرمين جو پراڻو ساٿي آهي جڏهن عمران خان 1996ع ۾ پارٽي جي بنياد رکي ته شوڪت يوسفزئي شروع کان ئي پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿي ويو هو.

بقايا 19 ✻✻✻

واهر جي گهر ڪئي وئي آهي حيدر گولو جو چوڻ آهي ته پوليس اهلڪار اڪبر گولو جي پٽن ياسر، ڪاشف ۽ ناصر گولو گهر ۾ گهڙي تشدد جو نشانو بڻايو

بقايا 20 ✻✻✻

تي جوابدار ڪشور ڪمار ۽ پوڻ ڪمار کي به ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائي

بقايا 21 ✻✻✻

عبوري ضمانت حاصل ڪئي هئي سانگهڙ پوليس هٿان گرفتار ڪيل اسرار شاهه ۽ ديدار شاهه به ضمانت جون درخواستون داخل ڪرايون هيون

بقايا 22 ✻✻✻

۽ نگران وزيراعظم جي عهدن تي رهي چڪو آهي. ڪنهن پارٽيءَ سان به سندس ڪا وفاداري نه آهي پر ان جي تصديق ڪير به ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. اها به تصديق نه ٿي رهي آهي ته شارٽ لسٽ ڪيل 5 نالن ۾ ميان محمد سومري جو نالو آهي يا نه آهي.

بقايا 23 ✻✻✻

دهشتگردي جي انٽ واري عدالت مان اشتهاري قرار ڏيڻ جي لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي ويندي. پوليس موجب شروعاتي طور تي عظمي خان، عليمه خان، ميان اسلم اقبال کي اشتهاري قرار ڏياريو ويندو. ان کان علاوه حماد اظهر، فرخ حبيب، زبير نيازي، مراد سعيد کي به اشتهاري قرار ڏنو ويندو. پوليس اختيارين ٻڌايو آهي ته علي امين گنڊاپور، اسد زمان چيمه، حسان نيازي، حافظ فرحت، اعظم سواتي، عندليب عباس، خالد گجر ۽ ڪرامت کوکر به ساڳئي لسٽ ۾ شامل آهن پوليس موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪيترائي ڇاپا هنيا ويا پر گرفتاري نه ٿي سگهي. جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏياري اهڙا اشتهار سندس رهائشگاهه تي لڳايا ويندا.

بقايا 24 ✻✻✻

کي سليڪٽ يا رد ناهي ڪيو پنهنجي بيان ۾ مريم اورنگزيب چيو ته نگران وزيراعظم جي مقرر آئين ۾ طئي ٿيل طريقيڪار موجب ٿيندي. هن چيو ته وزيراعظم موزون ترين اميدوار لاءِ سمورين اتحادي جماعتن سان مشاورت ڪندو ۽ ن ليگ جي قائد کان رهنمائي به حاصل ڪندو. سنڌ سماءَ واري وزير ٻڌايو ته اتحادين سان صلاح مشوري ڪانپوءِ وزير اعظم اپوزيشن ليڊر سان مشاورت ڪندو ياد رهي ته موجودا اسيمبلي جو مدو ٻارنهن آگسٽ تي پورو ٿي رهيو آهي. ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ وزيراعظم شهباز شرصيف اعلان ڪيو هو ته اسان مدو پورو ٿيڻ کان پهريان ئي ويندا سين ۽ نگران حڪومت ايندي.

بقايا 25 ✻✻✻

برساتي پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهي دڪاندارن جو چوڻ آهي ته پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب اسان جو ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي، شهر مان فوري طور پاڻي نيڪال ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي جڏهن ته وسڪارن کي 3 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود شهر مان پاڻي نيڪال نه ٿيو. ٿيها روڊ، گاهي مهيسر روڊ، عبدالله ڪالوني، قاضي عارف روڊ ۽ ٻيا روڊ رستا ۽ علائقا پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهن شهرين پاران ترت پاڻي نيڪال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 26 ✻✻✻

جو هوندو. هن چيو ته اسان معدنياتي مٽي کي ٻاهه ۾ ساڙي ان مان ڌات ڪڍنداسين. بلوچستان ۾ ننڍيون فيڪٽريون لڳائينداسين جتي به مائننگ هوندي ان کي گوادر پورٽ سان جوڙينداسين. اسان کي ترقي جو سفر ڪرڻو آهي مٽي جو سفر ناهي ڪرڻو. مصدق ملڪ چيو ته معدنيات جي انقلاب سان ملڪ ۾ روزگار جا تمام گهڻا موقعا پيدا ٿيندا. جيڪڏهن 100 ٽن مٽيءَ مان 1 ٽن ميٽل وڪرو ڪنداسين ته 5 هزار ڊالر ڪمائينداسين. اهڙي معدنياتي انقلاب جي لاءِ اسان جا 3 گول آهن جيڪا معدنيات ۽ مٽيءَ اسان وڪرو ڪنداسين ان سان ملڪ لکين ڊالر ڪمائيندو. سون ۽ ٽامو ملڪ جي تقدير تبديل ڪري ڇڏيندو ليگي اڳواڻ چيو ته بلوچستان ۾ مزدور طبقو تمام گهڻو آهي انهن کي نوڪريون ڏينداسين. اسان هن مٽيءَ مان عوام کي فائدو پهچائنداسين. هن چيو ته نوڪر شاهي جي ٻار کي ختم ڪيو ويندو. مملڪتي وزير وڌيڪ چيو ته هن ملڪ ۾ اوهان کي نااميدي جو نظر ايندي آهي. اسان هن ملڪ جي معدنيات تي پاڙي رهيا آهيون. معدنياتي انقلاب سان ملڪي برآمدات ۾ اضافو ٿيندو. معدنيات جي ڪوتائي جي حوالي سان نئين قانونسازي ڪئي ويندي. انساني ۽ ماحولياتي تحفظ جي لاءِ واضح منصوبه بندي ٿيندي. پاڪستان ۾ ايتري آسان جي ڊيزن نه آهي جيترا قانون آهن. سمورن قانونن کي ضم ڪري هڪ پيڪيج ناهينداسين. ٻاهرين سرمائيڪارن کي ملڪ ۾ پليڪار جونداسين. سرمائيڪارن جي لاءِ ون ونڊو آپريشن جو عمل شروع ڪيو ويندو.

بقايا 27 ✻✻✻

ڏينهن ڪشمور پوليس ۽ سي آءِ اي جي اسپيشل ٽيم عظيم ميٽڪ کي سنڌ بلوچستان بارڊر تان مقابلي دوران بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي هئيڪشمور پوليس پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب سنڌ پنجاب دنگ تي آپريشن ڪري ٻار کي بازياب ڪرايو ويو. ينگر ميٽڪ جي اغوا جو ڪيس رسالدار ٿاڻي تي داخل ٿيل هو

بقايا 28 ✻✻✻

جاري آهيڪرڪيٽ ڪاميٽي جي چيئرمين مصباح الحق کي ايندڙ هفتي سينٽرل ڪانٽريڪٽ تي بريفنگ ڏني ويندي ۽ پوءِ مصباح الحق چيئرمين پي سي بي مئنيجمينٽ ڪاميٽي ذڪا اشرف کي سينٽرل ڪانٽريڪٽ بابت بريفنگ ڏيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيئرمين پي سي بي مئنيجمينٽ ڪاميٽي ذڪا اشرف جي منظوري ڪانپوءِ ايندڙ هفتي قومي رانديگرن کي سينٽرل ڪانٽريڪٽ جي آڇ ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سينٽرل ڪانٽريڪٽ ۾ هاڻي واڌ جو امڪان ناهي. 30 جون تي ختم ٿيندڙ ڪانٽريڪٽ ۾ هڪ مهيني جي واڌ ڪئي وئي هئي هڪ مهيني جي واڌ جو مدو سياڻي 31 جولاءِ تي ختم ٿي رهيو آهي. سي اي او پي سي بي سلمان نصير ۽ ڊائريڪٽر انٽرنيشنل عثمان واهلا سريلنڪا ۾ ڪپتان ۽ سينيئر رانديگرن سان سينٽرل ڪانٽريڪٽ جي معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ذريعن موجب سينٽرل ڪانٽريڪٽ ۾ شامل انديگرن جي ميچ فيس ۾ 25 کان 35 سيڪڙو واڌ جو امڪان آهي. ليگز لاءِ نظرثاني ٿيل اين او سي پاليسي جي شقن کي به ڪانٽريڪٽ ۾ شامل ڪيو ويندو

بقايا 29 ✻✻✻

ارب پنجيتاليهه ڪروڙ گهوٻين ۽ چوري جو انڪشاف ٿيو آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته اسمگل ٿيل گاڏين، سمارٽ فون ۽ ڪاڏي پيٽي جون شيون ويئر هائوسز ۾ پئي خراب ٿي ويون. رپورٽ موجب، ٽي سٽو ضبط ٿيل گاڏيون نيلام نه ڪرڻ سبب اسي ڪروڙ 71 لک رپين جو نقصان ٿيو ۽ 18 ڪروڙ 86 لک جا 46 هزار 982 سمارٽ فونز جي به نيلامي نه ڪئي وئي. رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته ڪاڏي پيتي جي شين سميت 42 ڪروڙ کان وڌيڪ جو سامان ڳري، سڙي ويو. عملي 2 ڪروڙ 41 لک رپين جون ٽي گاڏيون هڪ ڪروڙ 39 لکن ۾ وڪرو ڪري ڇڏيون. رپورٽ موجب، ڪراچي، ڪوئيٽا ويئر هائوسز مان 91 لک 80 هزار رپين جو سامان چوري پڻ ٿيو

بقايا 30 ✻✻✻

تي تحنن جي برسات شروع ٿي وئي آهي. 35 ورهين جي انجو جڏهن پاڪستان اچڻ جي لاءِ ڀارت کان نڪتي هئي ته ان کي اندازو نه هو ته سندس اهڙي قسم جو پليڪار ڪيو ويندو ۽ ڪيتري موٽ ملندي. انجو دير ۾ 29 ورهين جي دوست نصرالله سان ملڻ آئي هئي. انجو پنهنجي مرضي سان اسلام قبول ڪيو. انجو جو نالو فاطمه رکيو ويو. نصرالله جي گهر ڀاتين به سندس استقبال ڪيو انجو جي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سندس شادي نصرالله سان ٿي وئي. شادي جي مبارڪباد ڏيندڙن جي رش وڌي وئي ۽ ڪيترن ئي مشهور ڪاروباري شخصيتن ڪيس قيمتي جوڙا تحفي ۾ ڏنا. سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ هڪ وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته پاڪستان جي هڪ مشهور واپاري طرفان انجو جيڪا هاڻ فاطمه بڻجي چڪي آهي کي شالن ۽ ڪيڙن سان گڏ هڪ فليٽ جا ڪاغذ به ڏنا ويا. اهڙي طرح هڪ ٻئي پراپرٽي ڊيلر طرفان به انجو کي 40 مرلا جو هڪ پلاٽ ۽ 50 هزار سلامي به ڏني وئي. پلاٽ ڏيندڙ پراپرٽي ڊيلر چيو ته پنهنجو ملڪ ڇڏي اچڻ ۽ پاڪستان ۾ شادي ڪندڙ فاطمه لاءِ پهرين پريشاني گهر جو هجڻ هر جنهن کي اسان ختم ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 31 ✻✻✻

پي ڪشمور امجد شيخ کي به بازيابيءَ لاءِ قدم کڻڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي

بقايا 32 ✻✻✻

جي وزيراعظم هائوس پهچڻ تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري آجيان ڪئي. ان کان پوءِ پاڪستان ۽ چين وچ ۾ مفاهمت جي مختلف يادداشتن تي صحيحون به ڪيون ويون جنهن ۾ وفاقي وزير بلاول ڀٽو زرداري، احسن اقبال، نويد قمر، مريم اورنگزيب ۽ سعد رفيق به شامل هئا. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ايم ايل ون ۽ ڪراچي سرڪلر ريلوي اهم منصوبا آهن ۽ يقين آهي ته پاڪستان ۽ چين گڏيل سهڪار سان انهن رٿائن تي مڪمل ڪيو ويندو ۽ اسان اڻٿڪ محنت سان پاڪستان کي پنهنجن پيرن تي بيهاريندا سين. ٻئي پاسي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته پاڪ چائنا دوستي هميشه برقرار رهندي ۽ ان ۾ اسان ڪنهن به قسم جي ڪا به رنڊڪ برداشت نه ڪنداسين. اسلام آباد ۾ پاڪستان ۽ چين وچ ۾ مفاهمتي يادداشتن تي صحيح واري تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪ چين اقتصادي راهداري (سي پيڪ) جا 10 سال مڪمل ٿيڻ تي مان چين جي نائب وزيراعظم پاڪستان پهچڻ تي ٿورائتو آهيان. هن چيو ته 10 سال اڳ سي پيڪ منصوبن تي ڪم جي شروعات ٿي هئي، سي پيڪ جي تحت 25 ارب ڊالرن جي سرمائيڪاري ڪئي وئي. پاڪستان ۽ چين اهڙي معاهدي تي 10 سال اڳ صحيحون ڪيون هيون. ان جي مس سڪڻ کان اڳ ئي ان تي عمل جي شروعات ٿي وئي هئي. شهباز شريف چيو ته اهڙي معاهدي جي بدولت اسان اڄ چئي سگهون ٿا ته پاڪستان ۾ توانائي وارو شعبو رود، انفراسٽرڪچر، پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ بائيڊل پاور سيڪٽر ۾ 25 ارب ڊالر کان وڌيڪ جي سرمائيڪاري آئي. مون کي ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اسان هاڻ سي پيڪ جي ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. اڄ اسان ڪجهه اهم ڪاغذن تي صحيحون ڪيون آهن جيڪي ٻنهي ملڪ وچ ۾ اقتصادي تعاون ۾ وڌيڪ اضافي جو سبب بڻجندا. وزيراظم چيو ته اسان سي پيڪ جو ٻيون مرحلو نئين ماڊل جي تحت اڳيان وڌائينداسين. اهو واپار تو واپار، سرمائيڪاري، زراعت ۽ آءِ ٽي تي ڌيان هوندو. چين جي تعاون سان پاڪستان پنهنجي مصنوعات چيني حڪومت جي معيار ۽ ضرورت مطابق برآمد ڪري سگهي. شهباز شريف چيو ته مان چين جي نائب وزيراعظم کي بطور خصوصي سفير پاڪستان اماڻڻ تي شي جن پنگ جو ٿورائتو آهيان ان سان دنيا ۾ اهو پيغام ويندو ته چين ۽ پاڪستان هڪ اهڙي تعلق سان جڙيل آهن جيڪو دنيا کان منفرد آهي.

بقايا 33 ✻✻✻

اهم قرار ڏئي ڇڏيا آهن پرنسپل پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج جي پروفيسر نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته گذريل ڏينهن رضوانه جي طبيعت بهتر هئي. اڄ صبح 4 ڳي سندس طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي. رضوانه کي ٻيهر آڪسيجن لڳائي وئي آهي. رضوانه جي طبيعت خراب ٿئي ٿي ته سندس دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي آهي. اڄ دل جو ڊاڪٽر به رضوانه جو معائنو ڪندو. هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف 14 ورهين جي ٻارڙي رضوانه تي گهريلو تشدد جي واقعي جو نوٽيس وٺندي متاثر ٻارڙي جي والدين کي انصاف جي فراهمي جو يقين ڏياريو آهي. وزيراعظم آفيس طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته معاشرو اهڙي انڌير نگري، ظلم ۽ جبر برداشت نٿو ڪري سگهي. پوليس ڪنهن به قسم جي دٻاءَ ۾ اچڻ کان سواءِ قانون تي سختي سان عمل ڪري. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ظالم ۽ قانون جي پڇڪڙي ڪندڙ ڪنهن به صورت ۾ رعايت جا مستحق نه آهن. قانون تي عمل هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. جوابدار ڪير آهي اهو نه ڏٺو وڃي متاثر خاندان کي انصاف جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. وزيراعظم پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي کي به ٻارڙي جي علاج لاءِ بهترين سهولتون ڏيڻ جي هدايت ڪندي واقعي بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. متاثر ٻارڙي جي والدين طرفان پنهنجي ڌيءَ کي زهر ڏيڻ جو امڪان به ظاهر ڪيو ويو آهي جنهن تي ٻارڙي جي سار سنڀال ڪندڙ عملي ٻارڙي جا نمونا وٺي ٽيسٽ جي لاءِ ليبارٽري اماڻي ڇڏيا آهن.a

بقايا 34 ✻✻✻

جاري آهيڪرڪيٽ ڪاميٽي جي چيئرمين مصباح الحق کي ايندڙ هفتي سينٽرل ڪانٽريڪٽ تي بريفنگ ڏني ويندي ۽ پوءِ مصباح الحق چيئرمين پي سي بي مئنيجمينٽ ڪاميٽي ذڪا اشرف کي سينٽرل ڪانٽريڪٽ بابت بريفنگ ڏيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيئرمين پي سي بي مئنيجمينٽ ڪاميٽي ذڪا اشرف جي منظوري ڪانپوءِ ايندڙ هفتي قومي رانديگرن کي سينٽرل ڪانٽريڪٽ جي آڇ ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سينٽرل ڪانٽريڪٽ ۾ هاڻي واڌ جو امڪان ناهي. 30 جون تي ختم ٿيندڙ ڪانٽريڪٽ ۾ هڪ مهيني جي واڌ ڪئي وئي هئي هڪ مهيني جي واڌ جو مدو سياڻي 31 جولاءِ تي ختم ٿي رهيو آهي. سي اي او پي سي بي سلمان نصير ۽ ڊائريڪٽر انٽرنيشنل عثمان واهلا سريلنڪا ۾ ڪپتان ۽ سينيئر رانديگرن سان سينٽرل ڪانٽريڪٽ جي معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ذريعن موجب سينٽرل ڪانٽريڪٽ ۾ شامل انديگرن جي ميچ فيس ۾ 25 کان 35 سيڪڙو واڌ جو امڪان آهي. ليگز لاءِ نظرثاني ٿيل اين او سي پاليسي جي شقن کي به ڪانٽريڪٽ ۾ شامل ڪيو ويندو

بقايا 35 ✻✻✻

جو هوندو. هن چيو ته اسان معدنياتي مٽي کي ٻاهه ۾ ساڙي ان مان ڌات ڪڍنداسين. بلوچستان ۾ ننڍيون فيڪٽريون لڳائينداسين جتي به مائننگ هوندي ان کي گوادر پورٽ سان جوڙينداسين. اسان کي ترقي جو سفر ڪرڻو آهي مٽي جو سفر ناهي ڪرڻو. مصدق ملڪ چيو ته معدنيات جي انقلاب سان ملڪ ۾ روزگار جا تمام گهڻا موقعا پيدا ٿيندا. جيڪڏهن 100 ٽن مٽيءَ مان 1 ٽن ميٽل وڪرو ڪنداسين ته 5 هزار ڊالر ڪمائينداسين. اهڙي معدنياتي انقلاب جي لاءِ اسان جا 3 گول آهن جيڪا معدنيات ۽ مٽيءَ اسان وڪرو ڪنداسين ان سان ملڪ لکين ڊالر ڪمائيندو. سون ۽ ٽامو ملڪ جي تقدير تبديل ڪري ڇڏيندو ليگي اڳواڻ چيو ته بلوچستان ۾ مزدور طبقو تمام گهڻو آهي انهن کي نوڪريون ڏينداسين. اسان هن مٽيءَ مان عوام کي فائدو پهچائنداسين. هن چيو ته نوڪر شاهي جي ٻار کي ختم ڪيو ويندو. مملڪتي وزير وڌيڪ چيو ته هن ملڪ ۾ اوهان کي نااميدي جو نظر ايندي آهي. اسان هن ملڪ جي معدنيات تي پاڙي رهيا آهيون. معدنياتي انقلاب سان ملڪي برآمدات ۾ اضافو ٿيندو. معدنيات جي ڪوتائي جي حوالي سان نئين قانونسازي ڪئي ويندي. انساني ۽ ماحولياتي تحفظ جي لاءِ واضح منصوبه بندي ٿيندي. پاڪستان ۾ ايتري آسان جي ڊيزن نه آهي جيترا قانون آهن. سمورن قانونن کي ضم ڪري هڪ پيڪيج ناهينداسين. ٻاهرين سرمائيڪارن کي ملڪ ۾ پليڪار جونداسين. سرمائيڪارن جي لاءِ ون ونڊو آپريشن جو عمل شروع ڪيو ويندو.

بقايا 36 ✻✻✻

شامل ڪئي جنهن سان لوڊشيڊنگ جي صورتحال بهتر رهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي خرم دستگير چيو اڳوڻي حڪومت مجرماڻي غفلت ڪري هن منصوبي کي دير جو شڪار ڪيو. پر موجودا حڪومت ملڪ ۾ 5 هزار 63 ميگاواٽ نئي بجلي سسٽم ۾ شامل ڪئي جنهن ڪري سڄو سال ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ جي صورتحال بهتر رهي. سندس چوڻ هو ته اسان ايران سان جيوڻي گوادر تائين 100 ميگاواٽ بجلي فراهمي جو معاهدو ڪيو ۽ بجلي فراهم ڪئي. ٿرجي ڪوئلي مان هڪ هزار 980 ميگاواٽ بجلي جي پيداوار جي شروعات ٿي جيڪا ملڪي تاريخ ۾ اهم ڪاميابي آهي. توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير چيو ته شنگهائي اليڪٽرڪ، ڪروٽ ۽ ڪراچي ۾ به بجلي پيداوار جي منصوبن جي شروعات ٿي. هن چيو ته سڪي ڪناري ۽ لاهور نارٽ ٽرانسميشن لائن جي پيڙهه جو پٿر رکيو ويو. گذريل حڪومت جي دور ۾ ملڪي تاريخ جو سڀ کان وڏو گردشي قرض هو. سي فائيو نيو ڪليئر پاور پلانٽ جي معاهدي تي صحيحون ٿي چڪيون آهن. توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير چيو ته شمسي توانائي جي منصوبن لاءِ به فريم ورڪ تيار ڪيو ويو آهي. هلندڙ سال ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ جي حوالي سان صورتحال بهتر رهي. 200 يونٽ تائين استعمال ڪندڙن لاءِ بجلي جي قيمت ۾ اضافو ناهي ڪيو ويو

بقايا 37 ✻✻✻

طلب ڪري ورتو آهي. اپوزيشن اڳواڻ ان سلسلي ۾ چيو آهي ته نگران وزيراعظم جي نالي تي غور جي لاءِ جماعت اسلامي ۽ جي ڊي اي جي ميمبرن کي به دعوت ڏني وئي آهي. نگران وزيراعظم جي لاءِ 3 نالا تجويز ڪيا ويندا. ڪوشش هوندي ته تجويز ڪيل نالن ۾ ماهر معيشت، سياستدان ۽ ٽيڪنو ڪريٽ شامل هجن. ياد رهي ته 2 ڏينهن اڳ نگران وزيراعظم جي مقرري جي سلسلي ۾ مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ مشاورت جو ٻيو دور شروع ٿيو هو جنهن ۾ پ پ جي وفد ۾ راجا پرويز اشرف، نويد قمر ۽ خورشيد شاهه شامل هئا جڏهن ته خواجه آصف ۽ اياز صادق به انهن سان ملاقات ڪئي هئي. جنهن ۾ نگران وزيراعظم جي مقرري حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون هيون.

بقايا 01 سنڌيار

خراب آهي. ڌاڙا، ڦرون، اغوائون روز جو معمول بڻيل آهن. سنڌ جا ماڻهو محفوظ ناهن. سکر واري علائقي سنگراس مان پريا ڪماري اغوا ڪئي آهي. ان جي بازيابي لاءِ ٽي آگسٽ تي سکر پريس ڪلب آڳيان ڌرڻو هنيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته ڪاروڻجهر جبل سنڌ جو اثاثو آهي. ڪنهن به صورت ۾ نيلامي ٿيڻ نه ڏينداسين. سنڌ ۾ بدترين لوڊشيڊنگ بجلي جي ڪئي پئي وڃي. سنڌ گئس پيدا ڪندڙ سنڌ ۾ گئس ناهي. امير سنڌ جا ماڻهو بک ۽ بيروزگاري جو شڪار آهن. سنڌ ۾ طوفاني برسات ۾ مارواڙن جا گهر پٽ پئجي ويا. هڪ به گهر نهي نه سگهيس سنڌ حڪومت ڪوڙيون دعوائون ڪري رهي آهي ته 21هزار گهر تعمير ڪري متاثرن کي ڏنا آهن هن وڌيڪ چيو ته محرابپور جي صحافي سرفراز نواز جي گهر تي ٿيل حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي . هن وڌيڪ چيو ته محراب پور ۾ ميڊيا هائوس جا صحافي مظلومن جو آواز بلند ڪندا رهندا آهن ان موقعي تي رواداري تحريڪ سنڌ جو چيئرمين پنهل ساريو ڪامريڊ شهاب ميمڻ سيد الطاف شاهه ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. آيل مهمانن کي صحافي بچل هنگورو پاران سنڌ جي سوکڙي اجرڪ پارايا ويا

بقايا 02 سنڌيار

۽ خيرپور ۾ امڪاني ٻوڏ جي مد نظر ، خيرپور جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ عوام جون اهنجون ختم ڪرڻ لاءِ ضلع چيئرمين جي آفيس ۾ درخواست جمع ڪرائي چڏي آهي اميد ته جلد اجلاس گهرايو ويندو

بقايا 03 سنڌيار

ڊائريڪٽر (ايم ڊي سيڊا) پريتم داس آفيس آرڊر 3712 نمبر تحت اڄ 31 جولائي 2023 تي ليٽر جاري ڪري، اڳوڻي صوبائي وزير سيد علي بخش عرف پپو شاهه ۽ سينيٽر بي بي ياسمين شاهه جي پٽ سيد سڪندر علي شاهه کي ايريا واٽر بورڊ بدين جو چيئرمين مقرر ڪرڻ جو ليٽر جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 04 سنڌيار

